روسو جو شمار دنيا جي
عظيم فلسفين منجهه ٿئي ٿو.سندس
زندگي جو احوال تفصيل سان پهريون دفعو
سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو پيو وڃي.
اميد ته پسند ايندو

روشن خيال فلسفي

ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

عمراني معاهدي جي خالق جي سوانح حيات

آئزڪ گهڙي ساز هو. شايد ان لاءِ گهڙيءَ جي سئيءَ جيان چرپر ۾ رهندو هو. وطن ۾ رهي ڪر به جلاوطنيءَ وارو جيون گهاري رهيو هو. هن جي اها عادت، هن جي رت جو حصو هئي. هن جي وڏن مان ڪو هجرت ڪري پيرس کان جنيوا ۾ آباد ٿيو هو. آئزڪ هجرت جي انهيءَ عادت کي پنهنجي شخصيت جو آئينو بڻائي شهر شهر گهمي رهيو هو. هن جي خاندان وارن انهيءَ گهڙيءَ جي چابيءَ کي ابتو گهمائي اهو چاهيو ته ڪنهن طرح هو هڪ هنڌ رڪجي وڃي. هن جي شادي سوزين برناردِ سان ٿي وئي. سچ به هن جي چرپر بند ٿي وئي. هو حسين ۽ دلڪش سوزين جي زلفن جو اسير ٿي ويو. هي هڪ سٺو گهڙي ساز هو، هڪ هنڌ وينو ته گهڻو ڪم اچڻ لڳو. سوزين لاءِ سوڪڙيون وٺڻ هن جو من پسند ڪم هو. جنهن لاءِ پئسن جي گهرج هئي. هو ڏينهن رات واچون ناهيندو هو. سوزين کي ڪتاب پڙهڻ جو شوق هو. هوءَ ڪتاب پڙهندي هئي. آئزڪ ڪم ڪندو هو. ڪوڙ سارا ڏينهن لمحن ۾ گذري ويا. پوءِ هڪ ڏينهن سوزين کيس خوشخبري ٻڌائي.



"آئرڪ! توکي مبارڪ هجي، تون پيءُ بنجڻ وارو آهين."

ماءُ بنجڻ کانپوءِ عورت اجا وڌيڪ سهڻي ٿي پوي ٿي.

"مان پنهنجي محبت ۾ ڪنهن کي شريڪ ڏسڻ نه ٿو چاهيان."

"آئرڪ! مونکي تنهنجين ڳالهين کان ڊپ ٿئي ٿو."

"توکي ڊپ نه ڪرڻ گهرجي." آئرڪ چيو ۽ پنهنکي ڪاوڙ لڪائڻ لاءِ هليو ويو.

اهو پهريون پيرو هو، جڏهن هن سوزين کي نظرانداز ڪيو هو. سوزين مٿي کان پيرن تائين ڪنبڻ لڳي. اچڻ وارو مهمان ڪنهن خطري جو نشان بنجندي محسوس ٿيو. هوءَ پادريءَ جي ڌيءُ هئي. هن جي تربيت مذهبي ماحول ۾ ٿي هئي. گناه، ثواب کان واقف هئي، نه ته انهيءَ مهمان کان جان ڇڏائي ها. هن آڏو هڪ ئي رستو هو، ڪنهن به طرح آئرڪ جي ڪاوڙ لاهي سگهي. اهو ڪم هن لاءِ ڪو مشڪل نه هو. آئرڪ ويڙهه وارو هو، پر هن جي ناز نخرن آڏو بيوس بنجي ويندو هو. هن جو اندازو صحيح هو. آئرڪ اچڻ واري وقت سان ناهه ڪري ورتو.

سوزين پٽ کي جنم ڏنو. آئرڪ کي وڌيڪ ڪاوڙ اچي وئي. ان کان وڌ ظلم اهو ٿيو جو سوزين بيمار ٿي وئي. آئرڪ کي سمجهائڻ وارو ڪير نه هو. هن جي ڪاوڙ وڌي وئي. هن سوچيو ته هڪ گهر ۾ رهندي سوزين کان پري آهي ته جنيوا ڇڏي ٻئي هنڌ هليو وڃي. هن کي سياحت ڇڏيندي گهٽا ڏينهن ٿيا هئا. هڪ ڏينهن خاموشيءَ سان گهر کان نڪري هو جنيوا ڇڏي هليو ويو.

سوزين کي اها خبر هئي ته هو ڇو هليو ويو آهي. پر ڪيڏانهن ويو آهي، اها ڪيس خبر نه هئي. آئرڪ جي خاندان وارا هن جي عادت کي ڄاڻندا هئا. هو پنهنجي مرضيءَ سان ايندو ۽ ويندو هو. هنن سيني سوزين کي سمجهايو. هوءَ ڪري به ڇا ٿي سگهي!

ڪيس انتظار ڪرڻو هو. اهو انتظار ڊگهو ٿي ويو. هو تنگ ٿي پنهنجي پيءُ جي گهر هلي وئي.

آئرڪ هن کان تنگ ٿي ڪونه ويو هو. هڪ چڪر هو، جيڪو هن جي پيرن سان چنبڙيل هو. هو ايترا ڏينهن ڇمي ويهي رهيو، اهو به گهڻو هو. هو بيحس نه هو. ائين به نه هو ته ڪيس سوزين کان نفرت هئي. هڪ ڏينهن هن سوزين کي خط لکيو. هو قسطنطنيه ۾ هو ۽ پنهنجو ڏنڌو ڇمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. سوزين لاءِ اهو مينهن جو ڦڙو به گهڻو هو، پر هوءَ مينهن مان گهڻو تڏهن مزو وٺي ها، جڏهن آئرڪ هن ڏانهن هليو اچي ها.

هوءَ کيس واپس اچڻ لاءِ چوندي رهي، پر آئرڪ اچڻ جو نالو نہ ٿي ورتو. جنيوا ۾ نئون ريزيڊنٽ (گورنر) آيو هو. هو نوجوان ۽ سهڻو هو. وڏي ڳالهہ تہ سوزين جي پيءُ پادري ايم برناردِ جو عقيدتمند هو. ڪڏهن ڪڏهن هن سان ملڻ ايندو هو. هڪ ڏينهن هن سوزين کي ڏٺو ۽ هو دل سان کيس چاهڻ لڳو.

سوزين ان ڳالهہ کان بي خبر ساڻس ملندي رهي. هو اهڙي وقت تي ايندو هو، جڏهن پادري گهر نہ هوندو هو. سوزين بنا هيڪ ساڻس ڳالهائيندي هئي.

ريزيڊنٽ بہ گهڻو محتاط هو. هو سوزين طرفان ڪنهن اڳرائيءَ جي اوسيئڙي ۾ هو. ان لاءِ سندس لڪل محبت فقط قيمتي سوڪڙين تائين محدود هئي. هو سوزين جي انڪار ڪرڻ جي باوجود سوڪڙيون ڏيندو رهيو. هڪ ڏينهن هن سوزين کي چيو "توهان اڪيلائيءَ کان گهبرائيندا ناهيو؟"

سوزين چيو، "مان ڪتاب پڙهندي آهيان ۽ منهنجو پٽ مون سان گڏ هوندو آهي."

"توهان جهڙي من موهڻي عورت کي ان ڪانسواءِ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ گهرجي."

"منهنجو مڙس ٻاهر ويو آهي، هاڻي اچڻ وارو آهي."

"اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ هو ڪڏهن نہ اچي."

"توهانکي اها ڳالهہ گهٽ ۾ گهٽ مون سان نہ ڪرڻ گهرجي ها."

"مان تہ ان لاءِ چيو تہ توهان جهڙي عمر واري عورت کي انتظار زيب نہ ٿو ڏي."

"مونکي ڇا زيب ڏي ٿو يا نہ، مونکي اها خبر ڇڳيءَ طرح آهي."

هن سمجهيو تہ اهڙو سخت جواب ڏيڻ ڪانپوءِ ريزيڊنٽ هن پاران مايوس ٿي ويندو، پر هن جو خيال غلط نڪتو.

هن جون نوازشون جاري هيون. هو ايڏو بااثر هو جو سوزين هن سان سختي نہ ٿي ڪري سگهي. هن کان جان ڇڏائڻ لاءِ ڇالاڪيءَ جي ضرورت هئي. هن آئرڪ کي خط لکيو ۽ ريزيڊنٽ جون سڀ ڳالهيون لکيون. صاف لکيو تہ هن کي ريزيڊنٽ کان خطرو آهي. هو يڪدم هليو اچي. سوزين کي اميد نہ هئي تہ آئرڪ ايتري غيرت ڪندو. ان خط ملڻ ڪانپوءِ جلد آئرڪ هليو آيو. هاڻ ريزيڊنٽ سوزين کي اڪيلي هئڻ جو طعنو نہ ٿي ڏئي سگهيو.

آئرڪ محسوس ڪيو تہ هاڻ هو اڪيلو ناهي جو جيئن وٽيس، تيئن گهمي سگهي. تنهنڪري کيس جنيوا ۾ رهي ڪم ڪرڻ گهرجي. گهر ۾ کيس مزو اچي رهيو هو. سوزين کيس

ڪتاب پڙهي ٻڌائيندي هئي ۽ هو گهڙين جون سيون قابو ڪرڻ ۾ رڌل هوندو هو.

سوزين هڪ ڏينهن اوچتو پريشان ٿي وئي. هوءَ ٻئي ٻار جي ماءُ بنجڻ واري هئي. آئزڪ ڪٿي وري نہ هليو وڃي. هن ڊڄندي ڊڄندي ڪيس ڳالهہ ٻڌائي ۽ اهو ڏسي حيران ٿي وئي تہ هن جو مڙس آئزڪ پهرين وارو نہ رهيو هو. هن خوشيءَ سان اها خبر ٻڌي ۽ سوزين کي مبارڪ ڏني.

"مون سمجهيو تہ توهان ناراض ٿيندا."

"ناراض تہ مان پهرين بہ نہ هئس."

"مونکي ڇڏي تہ نہ ويندا؟"

"مون توکي ڏاڍو ستايو آهي. هاڻ ائين نہ ڪندس."

سوزين هن کي غور سان ڏسي رهي هئي. ڇا هيءُ اهو ساڳيو آئزڪ آهي! هوءَ خوشيءَ مان جهومڻ لڳي. هيءُ ٻار ڪيترو مبارڪ آهي، جيڪو پنهنجي پيءُ کي سڌي رستي تي وٺي آيو آهي. مان هن جو پاڻهہ سان آڏرياءُ ڪنديس.

سوزين ڪيترن ڏينهن کانپوءِ گهر جو سک ڏٺو هو. هن پهريون پيرو محسوس ڪيو تہ هن جو مڙس جهيڙاڪ نہ هو ۽ جيڪڏهن ڪڏهن هو بہ تہ، هاڻ اهو نہ رهيو هو. گهر ۾ ڏاڍو مزو هو. اهو وقت اچي ويو هو، جنهن جو انتظار هو. خاندان جون عورتون سوزين سان گڏ هيون. آئزڪ ۽ هن جو ننڍو ڀاءُ مرداٿي ڪمري ۾ خوشخبري ٻڌڻ لاءِ آتا هئا. اها خبر بہ جلد اچي وئي. سوزين هن پيري بہ پٽ ڄڻيو. آئزڪ جي پيڻ اها خبر ڪٿي آئي ۽ هوءَ پريشان بہ هئي.

"ڇا ڳالهہ آهي؟ تون پريشان ڇو آهين؟"

"ٻار ڪمزور ڄائو اهي ۽ سوزين جي حالت بہ صحيح ناهي."

"ڊاڪٽر ۽ نرس ڇا ڀيا ڪن؟"

"اهي، انهن ٻنهي جي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪن ڀيا."

آئزڪ ان کان وڌ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هو. هو ان ڪمري ڏانهن ڊوڙيو، جتي سوزين خطري سان وڙهي رهي هئي. آئزڪ ڪمري ۾ پهتو تہ ٻار هن جي پيٽ جي هٿن ۾ هو، پر سوزين هٿن مان نڪري چڪي هئي. سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو هو.

☆☆☆

پهرئين ٻار جي جنم تي هو سوزين کي ڇڏي ويو هو ۽ ٻيو ٻار ڄائو تہ هوءَ آئزڪ کي ڇڏي هلي وئي.

ٿيڻ تہ ائين گهربو هو تہ انهيءَ ٻار کي منحوس سمجهيو وڃي ها، جنهن ڌرتيءَ تي ايندي ئي پنهنجي ماءُ جي زندگيءَ کي موت ۾ بدلائي ڇڏيو، پر ٿيو ايئن جو آئزڪ کيس سوزين جي

نشاني سمجهي هن کي سيني سان لاتو.

آئرڪ پنهنجي پيٽ کي چيو، "اڄ کان تون هن جي تربيت ڪندينءَ. هي مظلوم ٻار آهي، جنهن پنهنجي ماءُ کي ڏٺو ئي ناهي. سوزين هن کي منهنجي حوالي ڪري وئي آهي. هاڻ مان هن سان هميشہ گڏ رهندس."

آئرڪ جيڪي چيو، اهو ڪري بہ ڏيکاريو. وڏو پٽ گهر ۾ هو، پر هن کيس ڪڏهن اک کڻي بہ ڪين ڏٺو. پر ننڍي پٽ کي ڏسندي ڪونہ ٿڪبو هو. هن پٽ جو نالو "زان زاڪ روسو" رکيو. پر کيس روسو چئي سڏيندو هو.

پيءُ جي ايڏي ڌيان سبب هن جي پيٽ بہ روسو کي اکين تي رکي پالي رهي هئي.

سيني جو خيال هو تہ آئرڪ يا تہ رول تي نڪري ويندو يا ٻي شادي ڪندو، پر هن، انهيءَ مان ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪئي.

هو پنهنجي ڪم ۾ اڳ کان گهڻو مصروف ٿي ويو. سوزين سان کيس ايڏي محبت هئي جو هن ٻي شادي نہ ڪئي. سوزين جي ياد ۾ هو بچيل وقت ۾ هن جا ڇڏيل ڪتاب پڙهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو وڏي آواز ۾ پڙهندو هو، جيئن سوزين هن کي ٻڌائڻ لاءِ پڙهندي هئي. هو پنهنجي پر ۾ انهن ڪتابن جو سٺاءُ ننڍڙي روسو کي ٻڌائيندو هو. جڏهن روسو بانبڙا پائڻ لڳو تہ موڪل واري ڏينهن هو وڪريل ڪتاب ڪٽي ورائي ڏسندو هو. ان ڏينهن هن جو پيءُ ڪتاب چنڊي صاف ڪندو هو.

"روسو، هي تنهنجي ماءُ جا ڪتاب آهن. هوءَ انهن سان تمام گهڻو پيار ڪندي هئي. پڙهندي بہ هئي ۽ سنياڻي بہ رکندي هئي. مان ان ڏينهن جو بيچينيءَ سان اوسيئڙو ڪري رهيو آهيان، جڏهن تون انهن کي پڙهندين."

اهو ڏينهن وقت کان اڳ اچي ويو. روسو جي پڻيءَ جي تمام گهڻي ڌيان ڏيڻ جي ڪري فقط ڇهن سالن جي ڇمار ۾ روسو ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا، جيڪي گهڻو ڪري داستان ۽ تاريخ تي مشتمل هئا. آئرڪ تمام گهڻو خوش هو. هاڻ هو گهڙيون ٺاهڻ ۾ رڌل رهندو هو ۽ روسو کيس ڪتاب پڙهي ٻڌائيندو هو، جيئن سوزين کيس ٻڌائيندي هئي.

آئرڪ جو وڏو پٽ گهر وارن جي بيڌيانيءَ جو شڪار هو. هن گهڙين ٺاهڻ جو ڪم سکي ورتو هو، پر مائٽن جي رويي مان مطمئن نہ هو ۽ نيٺ هڪ ڏينهن گهر مان ڀڄي ويو.

آئرڪ ان جي پرواهہ نہ ڪئي، ڇڻ کا ڳالهہ نہ هئي. ان ڳالهہ تي هو خوش هو. هاڻ هن جي ۽ روسو جي وچ ۾ ڪير بہ نہ هو. روسو اٺ سالن جو هو، پر هن اجا باقائدي پڙهڻ شروع نہ ڪيو

هو. باقي هن پنهنجي گهر ۾ پيل ناول پڙهي ورتا هئا. سڄو ڏينهن ڪتاب پڙهڻ ۾ رڌل هوندو هو ۽ پنهنجي پڦيءَ جي سريلي آواز ۾ لوڪ گيت ٻڌندو هو. هن جو ننڍپڻ ڪتاب ۽ موسيقيءَ جي جهلي ۾ جهولي رهيو هو.

هڪ فرانسيسي آفيسر سان آئرڪ جو جهيڙو ٿي پيو. آئرڪ هونئن به جهڳڙالو هو. آفيسر بااثر هو، ڳالهه مار تائين وڃي پهتي. آئرڪ ڊڄي ويو. متان ڪيس ڪيترائي سال جيل ۾ويٺو پوي، ان ڊپ ڪري هو ڀڄي ويو. پوءِ خبر پئي ته هو لوزين هليو ويو. اتي هن هڪ عورت سان شادي ڪري ڇڏي. سوزين جي موت جو صدمو ۽ ننڍڙي روسو جي محبت به ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪي نه سگهيا. روسو هاڻ بلڪل اڪيلو رهجي ويو هو. پڦيءَ جي محبت ۽ هن جي لاپرواهه طبيعت ڪيس زنده رکيو ٿي آئي. ڪيڏڻ سان ڪيس ڪا دلچسپي نه هئي. دل وندرائڻ لاءِ هن جي چاچي گهٽو چاهيو ته هن کي به واڇن واري خانداني ڏنڌي ڏانهن وٺي اچي، پر هن کي ڪتابن کانسواءِ ڪنهن شيءِ سان دلچسپي نه هئي. چاچو ۽ پڦي پاڻ ۾ صلاحون ڪرڻ لڳا ته سوزين جي نشانيءَ کي ڪنهن ڪم تي لڳائجي. اهو طئ ٿيو ته ڪيس تعليم ڏيارجي. هن جي چاچي ڪيس ڳوٺ جي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. چاچي ۽ پڦيءَ کي هن مان گهڻيون اميدون هيون. هن کي ڪتابن سان لڳاءُ هو ۽ خيال اهو هو ته هو مدرسي جي پادرين جي صحبت ۾ رهي اعليٰ تعليم حاصل ڪندو. هن جو شايد پنهنجي لاءِ به اهو ئي خيال هجي. مدرسي ۾ داخل ٿيڻ شرط ڪيس لاطيني ٻولي سيکاري وئي، جيڪا يورپ جي اهم ٻولي سمجهي ٿي وئي. انهيءَ ٻوليءَ کي سکڻ ڪانپوءِ شاگردن تي علم جا در کلي ويندا هئا. ڪجهه مهينن ڪانپوءِ استادن کي خبر پئجي وئي ته هنن جو واسطو صفا چٽ شاگرد سان پيو هو. هو انهيءَ ٻوليءَ ۾ عام لفظن کانسواءِ ڪجهه به سکي نه سگهيو هو. اها عجيب ڳالهه هئي. هو عام زندگيءَ ۾ جيڏو ذهين هو، تعليم بابت ايڏو جڏو هو. هن جي نگران پادريءَ هن جي انهيءَ حالت کي سمجهندي ڪيس سڌو ڪرڻ لاءِ مارڻ شروع ڪيو. پادرين جي انهيءَ رويي روسو جي ذهن ۾ اهو خيال چٽو ڪيو ته علم انسان کي بي رحم ۽ نا انصاف بنائي ٿو. نه ته پادري هن سان اهو سلوڪ نه ڪن ها. هو انهن جو دل جي گهراين سان احترام ڪندو هو. هو انهيءَ نتيجي تي به پهتو ته علم انساني

ڪردار کي نقصان پهچائي ٿو. هو پڙهڻ کان ڀڄڻ لڳو. هن جا استاد ڪيس پڙهائيندا هئا، پر هو ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ گم هوندو هو. هن جا استاد ڪانئس مايوس ٿي ويا. نيٺ هن کي مدرسو ڇڏڻو پيو. مدرسي جي انهن ڏينهن هن کي نفسياتي طرح انقلابي بڻائي ڇڏيو. هو انهيءَ نتيجي تي پهتو ته بي انصافي ۽ بي رحمي به اصل ۾ زندگيءَ جو حصو آهي. انهن سيني ڳالهين جو ذميوار هن علم کي ٺهرايو. هاڻ هو بلڪل واندو هو. هن جي وڏن آڏو اهو مسئلو هو ته هن لاءِ ڪهڙو ڌنڌو ڳولجي. خاندااني پيشو هن لاءِ مناسب هو، پر هن لاءِ اهو ڏکيو هو. گهر جو ماحول مذهبي هو. ان لاءِ هن جي پڻيءَ چاهيو ٿي ته پادري بنجي. پاڻ روسو کي به پادري بنجڻ سٺو لڳندو هو. پر چاچهنس جو خيال هو ته هن کي وڪيل بنجڻ گهرجي. گهر ۾ بحث ٿيڻ لڳو. ٽيئي پڻيون هڪ پاسي هيون ۽ چاچو ٻئي طرف. نيٺ اهو طئ ٿيو ته روسو کان به پڇيو وڃي.

"مان پادري بنجڻ چاهيان ٿو." روسو چيو.

چاچي پڇيو، "تون پادري ڇو ٿو بنجڻ چاهين؟"

"مونکي تبليغ ڪرڻ سٺو لڳي ٿو."

"بس يا ٻيو ڪجهه؟"

"مان پادري ان لاءِ بنجڻ چاهيان ٿو، جنهن کي وٽي سزا ڏيان. ڪير مون کان پڇڻ چاهي ته پڇي به نه سگهي."

"اهو ڪر تون وڪيل بنجي به ڪري سگهين ٿو!"

"نيڪ اهي، مان وڪيل بنجان ٿو." هن سادگيءَ سان چيو.

☆☆☆

ڪم سکڻ لاءِ ڪيس وڪيل وٽ موڪليو ويو. هو اتي هليو ويو، پر ڪيس وڪيل جي شڪل نه وٽي. ٻيو ته هو اتي ويهي ويهي ٿڪجي پيو. هن اهو سمجهيو ته وڃڻ سان ئي ڪو مقدمو ڪيس ڏنو ويندو. ڪيترن ڏينهن تائين وڪيل ڪانئس صرف ڪهڻ مان ڪتاب ڪيرائيندو رهيو. وڪيل به ڪيس جڏو سمجهي ڪڍي ڇڏيو. هو وڪيل کي پريشان ڪرڻ لاءِ غلط ڪتاب ڪڍي ڏيندو هو. وڪيل جي آفيس، اسڪول جي هيڊ ماسٽر جو ڪمرو بنجي ويو هو. اها هر وقت رڙين ۽ دڙڪن سان گونجندي رهندي هئي.

جڏهن هو مدرسي جيان وڪيل جي آفيس مان ڪڍيو ويو ته هن جي چاچي سمجهي ورتو ته هن جو جڏو پائيٽيو پڙهڻ لکڻ جو ڪو به ڪم نه ڪري سگهندو.

هن پيري هو ڪيس ڪن کان وٽي پينٽنگ ٺاهڻ واري وٽ وٽي ويو.

مصور پڇيس، "توکي گل ٻوٽا ناهڻ سان دلچسپي آهي يا ائين هليو آيو آهين."

"مان ڊرائنگ ڏاڍي سٺي ڪندو آهيان."

"تون، مونکي سيڪارڻ آيو آهين ڇا؟ پينسل سان ڪم ڪرڻ ۽ هٿوڙو هلائڻ ٻي ڳالهه آهي."

"اهو ئي ته سکڻ آيو آهيان." هو مصور جي پيرن کي زور ڏيڻ لڳو. هن سمجهي ورتو هو ته اهو مصور ڪهڙي طبيعت وارو ماڻهو هو. بيرحم ۽ بي انصافيءَ وارو! هن دل ۾ چيو ته اتان اٿي ڀڄي وڃي. پوءِ هن سوچيو ته ان جو ڪهڙو فائدو ٿيندو. وري ڪنهن ٻئي ڪم تي ڇڏيو ويندو. دنيا ۾ هر طرف اهو ئي ٿي رهيو آهي، هن کي به ائين ڪرڻو پوندو. هن انهيءَ سان مقابلي ڪرڻ لاءِ سوچيو. هن ڪوڙ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڪو ڪم ڪانئس نه ٿيندو هو ته ڦري ويندو هو ته هن ته اهو ڪم ڪيو ئي ناهي.

"ته پوءِ پڻهين ائين ڪري ويو آهي!" هن جو استاد ڪاوڙ مان چوندو هو.

"مون ته پنهنجي پيءُ کي سالن کان ڏٺو به ناهي. هو هتي ڇو ايندو." روسو چوندو هو.

هن جي انهن حرڪتن کان هن جو استاد تنگ ٿي ويو. گاريون ڏيئي پنهنجي ڪاوڙ لاهيندو هو. روسو به اهڙو نٿر ٿي ويو هو جو هن تي ڪنهن ڳالهه جو اثر نه ٿيندو هو. هڪ ڏينهن هن وٽ پئسا بلڪل ختم ٿي ويا هئا. هن جي دوستن گهمڻ جو پروگرام ناهيو. هن ڪارخاني مان قيمتي اوزار کنيو ۽ بازار ۾ وڃي وڪيو ۽ موڪل ڪانپوءِ دوستن سان گڏ گهمڻ شهر کان ٻاهر هليو ويو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هن جي استاد کي اوزار جي ضرورت پئي. هن روسو کان پڇيو ته هن صاف انڪار ڪيو. ان ڪانپوءِ اهو سٺو ڏنڌو هن کي هٿ اچي ويو. جڏهن ڪيس پئسن جي ضرورت پوندي هئي ته هو ڪارخاني مان ڪوبه ڪو اوزار کڻي وڪڻي ايندو هو. چوريءَ جي هن کي اهڙي عادت پئجي وئي جو جلد ئي ڪارخانو خالي ٿي ويو.

☆☆☆

هڪ ڏينهن ڪيس تمام گهڻي رقم هٿ اچي وئي. هو دوستن سان گڏ شهر کان ٻاهر هليو ويو. رات ٿي ته ڪيس خيال آيو ته شهر جا در بند ٿي ويندا. هو تڪڙو شهر ڏانهن هلڻ لڳو، پر شهر جا در ڪنهن ڪنجوس جي مٺ جيان واقعي بند ٿي ويا هئا. هو شهر کان ٻاهر در وٽ بيهي ان جي ڪلڻ جو اوسيئڙو ڪندو رهيو، پر هن جي سرڪشي اڃا ڪيس ٻيو دڳ ڏيکاريو. "جنهن شهر جا در مون تي بند ٿي وڃن،

ان شهر ۾ رهڻ جو ڪهڙو فائدو؟"

هو شهر جي ٻئي پاسي هلڻ لڳو. ائين هلندي ست اٺ ميل فاصلو طئ ڪري هو "سواءِ" پهچي ويو. ان شهر ۾ نہ ڪو سندس دوست هو نہ وري ڪو سڃاڻو. اهو بہ ڪيس فڪر هو تہ ڪٿي رهندو ۽ ڪائيندو ڇا؟ هو هلندو رهيو تہ سامهون ڪيس ڪيٿولڪ پادرين جي جاءِ نظر آئي. هو پاڻ عيسائين جي پروٽسٽنٽ فرقي مان هو، پر پيٽ ۾ لڳل باهہ ڪيس ٻيو ڪجهہ سوچڻ نہ ڏنو.

"نوجوان! ڪٿان پيو اچين؟"

"جنيوا کان."

"ضرور تون پروٽسٽنٽ فرقي مان آهين، ڇو تہ جنيوا هنن جي پناهہ گاهہ آهي."

"في الحال تہ مان بڪايلن جي فرقي مان آهيان. ڏاڍي بک لڳي آهي، کائڻ لاءِ ڪجهہ ملندو؟"

"پر پهرين پنهنجو مذهب ٻڌاءِ."

"منهنجو پيءُ پروٽسٽنٽ فرقي مان هو."

"۽ تون!"

"مان سچائيءَ جي ڳولها ۾ گهراڻ نڪتو آهيان."

"تہ پوءِ سچائي اها آهي تہ تون ڪيٿولڪ بڻجي وڃ. پهرين تون پيٽ ڀري وٺ، پوءِ ڳالهايون تا."

انهن عقيدي وارن پادرين نہ فقط سوادي ڪاڏا هن آڏو رکيا، پر ڳاڙهو شراب پڻ هن کي پيئڻ لاءِ ڏنو ويو. بڪايل روسو شراب بہ چکي رهيو هو ۽ سوچي رهيو هو تہ انهن پادرين جي جذبن سان کيڏي هو زندگيءَ جي گهڻين آسائشن جو مزو ماڻي سگهي ٿو. هو انهن آسائشن لاءِ پنهنجو فرقو بدلائي تہ ڪهڙو فرق پوندو؟"

جڏهن هو پيٽ ڀري چڪو تہ پادرين پنهنجي فرقي بابت دليل ڏيڻ شروع ڪيا. هو ان نوجوان جو عقيدو بدلائڻ لاءِ زور شور سان دليل ڏيڻ لڳا ۽ روسو دل ۾ ڪلي رهيو هو. وچ ۾ سوال بہ پڇندو رهيو، جيئن ڪين هن جي دلچسپي محسوس ٿئي.

"منهنجا ماءُ پيءُ تہ وڏا بيوقوف هئا جو ڪيٿولڪ مذهب ڇڏي پروٽسٽنٽ فرقو قبوليائون. مونکي توهان جي مذهب ۾ سچائي نظر اچي ٿي."

"تون پنهنجو مذهب ڇڏڻ لاءِ تيار آهين؟"

"مان دل ۽ جان سان توهان جو مذهب قبوليان ٿو."

"تون اسانجي فرقي جون گهڻيون ڳالهيون نہ ٿو ڄاڻين."

"مونکي اڄ تائين ڪنهن ڪجهہ ناهي ٻڌايو."

"توکي تربيت جي ضرورت آهي."

"توهان سان گڏ رهندس تہ تربيت پنهنجو پاڻ ٿي ويندي."

"نہ، توکي ان لاءِ مادام "زي وارين" ڏانهن وڃڻو پوندو."

"اهامادام ڪير آهي؟"

"مادام هڪ سوئز عورت آهي، جنهن جي ذمي ڪيٿولڪ فرقي ۾ ايندڙ ڇوڪرن جي تربيت جو ڪم رکيل آهي."

هئي ڏينهن ڪيس "سواءِ" جي بشپ پاران تعارفي خط مليو، جيڪو ڪٽي ڪيس مادام ڏانهن وڃڻو هو. هن، انهيءَ عورت بابت ڪيترو ئي سوچيو، نيٺ هن وٽ اچي پهتو. مادام زي وارين پهرين نظر ۾ ڪيس پاڻ جهڙي لڳي. ڪجهه ڏينهن هن سان رهڻ ڪانپوءِ هن کي پنهنجي اندازي تي ناز ٿيڻ لڳو. مادام به هن جيان پنهنجي فرقي کي ڇڏي ڪيٿولڪ ٿي هئي. مذهبي هوندي به هوءَ روسو جيان آزاد خيال هئي. هن جيان سٺن ۽ خراب خيالن جي حامي هئي. نوجوانن ۾ دلچسپي وٺندي هئي. تجارت جو به شوق هوس ۽ ڪيميا ٺاهڻ جو شوق جنون تائين هوس. هن جي آزاد خياليءَ روسو جو من موهي وڌو. هوءَ مالدار عورت هئي. روسو تي پئسو خرچ ڪري سگهي ٿي. مادام جو حال به هن کان گهٽ نه هو. هن کي روسو ۾ گهڻو ڪجهه نظر آيو. روسو ڪيس پنهنجي مطلب وارو نوجوان نظر آيو. ٻين لفظن ۾ هن تي موهجي پئي، پر هوءَ پنهنجن اصولن کان مجبور هئي. هن جي فرض ۾ شامل هو ته هوءَ نون اچڻ وارن نوجوانن کي ڪجهه ڏينهن تربيت ڪانپوءِ "تورين" موڪلي ڏي. جتي بدعتين کي سڌي رستي تي آڻڻ لاءِ درسگاهه هئي. مادام هن کي اتي موڪليو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هن سان ملڻ لاءِ تورين کان هليو آيو. هو پروٽيسٽنٽ فرقي مان ڪيٿولڪ فرقي ۾ آيو هو. ان لاءِ ڪيس ٻڌڻو پيو ته هن جي اباڻي فرقي ۾ ڪهڙيون بدعتون رائج هيون. هو انهن بدعتن کي ٻڌي رهيو هو ۽ ڪيس پڇيون ياد اچي رهيون هيون، جيڪي پروٽسٽنٽ فرقي مان هيون، " اهي ڏينهن رات عبادت ڪنديون هيون ته ڇا هو به بدعتي هيون؟ ڇا اهي دوزخ ۾ ويندیون؟"

"۽ هن جي ماءُ؟" هن جو رت جوش ۾ اچي ويو. هن ڪيترائي سوال پڇيا. ڪوبه ڪيس مطمئن نه ڪري سگهيو. پادرين آڏو انهن اختلافن جي گنجائش نه هئي. هنن روسو جي هٿ تي ويهه فرانڪ (اتي جا سڪا) رکيا ۽ درسگاهه مان ڪڍي ڇڏيو. هي ويهه فرانڪ اهي ئي هئا، جيڪي هن جي اڳوڻي مذهب ڇڏڻ تي ماڻهن ڏنا هئا. هاڻ هن جي هٿ ۾ ويهه فرانڪ هئا ۽ هو در تي بي يارو مددگار بيٺو هو. ارڙهن سالن جي عمر ۾ هن کي پنهنجي

ڪاوڙ تي قابو نہ رهيو، جو پنهنجي مذهبي خيالن کي لڪائي ها. هاڻ ڇا ٿي ٿي سگهيو؟ هو ڪنڌ جهڪائي پاسي واري ڳوٺ ڏانهن هلڻ لڳو.

"مونکي رهڻ لاءِ جاءِ ملي سگهندي؟"

"ڇو نہ؟ هي مسافرخانو آهي. بس شرط اهو آهي تہ ڪيسي ۾ ڏوڪڙ هجن."

"پئسا تہ مون وٽ آهن."

"ڪيترا ڏينهن رهندين؟"

"جيترا ڏينهن پئسا هوندا."

"منهجي صلاح آهي تہ هتان جلدي هليو وڃ."

"ڇو؟"

"تون پروٽسٽنٽ آهين."

"ڇا مان انسان ناهيان؟"

"هتي انسان اهو آهي، جيڪو ڪيٿولڪ آهي. اڳتي تون پاڻ ڏاهو آهين."

هو سمهڻ واري بستري تي ليٽيو تہ ڪيس خيال وڪوڙي ويا. هو گذريل حالتن تي غور ڪرڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو تہ ڪيس اڳتي ڇا ڪرڻو هو. هن جي ڪيسي ۾ پيل پئسا ڪيس آئت ڏيئي رهيا هئا. هو هتي ڪيترا ڏينهن رهي سگهيو ٿي ۽ سوچي سگهيو پئي. هو ڪيترا ڏينهن ٻاهر نہ نڪتو. مسافرخاني جو مالڪ اهو سوچڻ ۾ حق بجانب هو تہ نوجوان ڊپ مان ٻاهر نٿو نڪري. هن کي نوجوان سان همدردي هئي. هڪ ڏينهن هن جي ڪمري ۾ آيو. روسو ان مهل گوڏن ۾ منهن وجهي ويٺو هو. الائي ڇا سوچي رهيو هو!

"نوجوان! تنهنجي نويڪلائيءَ ۾ حائل تہ نہ ٿيو آهيان؟"

"حائل تہ ٿيا آهيو، پوءِ بہ ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟"

"ڇا پيو سوچين؟"

"سوچيم پئي تہ هاڻي مونکي ڇا ڪرڻ کپي."

"ڪجهہ سمجهہ ۾ آئيي؟"

"ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پيو اچي!"

"نوڪري ڪندين؟"

"مان ڪجهہ بہ ڪري سگهان ٿو."

"تيار ٿي وڃ ۽ مون سان گڏ هل."

"ڪيڏانهن؟"

"هڪ جاگيردار عورت کي نوڪر جي ضرورت آهي. مضبوط هٿن ۾ رهندين تہ توکي ڪو خطرو نہ هوندو."

روسو اهو بهتر سمجهيو تہ انهيءَ موقعي کي نہ وڃائي. سراءِ جي مالڪ سان گڏ جاگيرداريائيءَ جي خدمت ۾ پهتو. اها هڪ پوڙهي عورت هئي ۽ بيمار هئي. ڪجهہ سوالن جوابن کانپوءِ ڪيس خدمتگار طور نوڪري ملي وئي. ٻين نوڪرن جيان ڪيس ڪپڙا ڏنا ويا. اهي ڪپڙا پائڻ کانپوءِ هن پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺو تہ ساراهہ

ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيو.

☆☆☆

زندگي هن آڏو هئي. اهائي تہ زندگي آهي، هر قدم تي نئون روپ!.. هن انهيءَ روپ کي قبوليو ۽ پنهنجي ڪر ۾ جنبي ويو. ڪجهہ ڏينهن گهارڻ ڪانپوءِ هن جي نظر پنهنجي ساٿي نوڪرياڻي ميرين تي پئي. هن پهريون ڀيرو غور سان ميرين کي ڏٺو. ان کان اڳ هو مادام سان ملي چڪو هو، جيڪا هن کان ٻارنهن سال وڏي هئي. پر ميرين هن جيڏي هئي. انهيءَ جيڏي عمر واري ڪشش ميرين کي بہ هن کان پري نہ رهڻ ڏنو. هڪ ئي گهر ۾ رهڻو هو. نوڪرن جا ڪمرا ڌار هئا. ڪيترائي ڀيرا هڪٻئي جي سامهون اچڻو پوندو هو. ميرين کي هي اوپرو ڇوڪرو ايڏو تہ وڻيو جو هوءَ ڪيس دل ڏيئي ويٺي. هو ٻين نوڪرن کان لڪي ڇوري ڇوري هڪ ٻئي سان ملندا هئا.

"ڪنهن ڏينهن مادام کي چوندس تہ اسان ٻنهي کي هڪ ڪري ڇڏي. هاڻ توکان پري نہ ٿي رهي سگهان."

"ڇو وقت ٿي وڃائين؟ جيڪو چوڻو اٿئي، جلد چئي ڏي."

"ڇا ٿو چئين؟ ڏسين ڪو بہ پيو تہ هوءَ ڪيڏي بيمار آهي. هوءَ ٺيڪ ٿئي تہ پوءِ اها ڳالهہ ڪيس چونديس."

اهي ڳالهيون هو روز پاڻ ۾ ڪندا هئا. مادام جي طبيعت روزبروز خراب ٿيندي پئي وئي. هڪ رات ان محل ۾ موت جا فرشتا لٿا ۽ جاگيردار عورت هميشہ لاءِ سمهي رهي.

"ميرين هاڻ ڇا ٿيندو؟"

"ٿيڻو ڇا آهي؟ هاڻ تہ موڪل جي بہ ضرورت ناهي. مادام جو سوڳ پورو ٿيندي ئي مان تنهنجي ٿي ويندس." ميرين ائين چئي هن جي ڪلهي تي مٿو رکيو. مادام جي وفات پانپوءِ هن جي گهرواسي سامان جي لسٽ تيار ڪئي پئي وئي. لسٽ ٺاهيندي خبر پئي تہ مرحومہ جو گلابي ربن گم هو . نوڪرن کان پڇا ڳاڇا تي سيني نوڪرن انڪار ڪيو. روسو کان بہ پڇيو ويو، هن بہ انڪار ڪيو. سيني جي انڪار ڪانپوءِ اهو طئہ ڪيو ويو تہ سيني جي تلاشي وٺجي. روسو بہ ٻين جيان بي قصورن جي قطار ۾ بيٺو هو. هن جي تلاشي وٺڻ مهل ربن هن وٽان نڪتو.

"هون! تہ تون چور آهين. ربن توئي چورايو آهي."

"مون ناهي چورايو."

"پوءِ هيءُ تو وٽ ڪيئن آيو؟"

"اهو ربن مونکي ميرين ڏنو هو."

هن نٽرائپ مان چيو. "مون سمجهيو تہ اهو ربن هن جو آهي. مونکي ڪهڙي خبر تہ هن چوري ڪيو آهي."

ميرين بي قصور هئي. روسو جي چوريءَ جي عادت اڃا نہ وئي هئي. اهو ربن هن پاڻ چورايو هو ۽ ان جو الزام معصوم ۽ الهڙ ڇوڪريءَ تي هنيو هو، ان جي باوجود تہ هو ساڻس محبت ڪندو هو. اهو بيرحمي ۽ بيوفائيءَ جو شاندار مثال هو. اها ئي بيرحمي جنهن جي ڪيس پڪ هئي تہ اها ئي زندگي آهي.

☆☆☆

مادام جي وفات ڪانپوءِ سيني نوڪرن کي ڪڍيو ويو هو. هو ميرين کي بدناميءَ جو داغ ڏئي اتان هليو ويو. هڪ دفعو ٻيهر سراءِ سندس نڪاڻو هئي. هاڻ هو انهيءَ علائقي کان چڱيءَ ريت واقف ٿي چڪو هو. ڪيس هاڻ نئين نوڪريءَ جي ڳولا هئي. خوش قسمتيءَ سان هڪ ٻئي جاگيردار جي گهر ۾ ڪيس نوڪري ملي وئي. روسو پنهنجي ذهانت سان انهيءَ گهر جي مالڪياڻيءَ جي دل ۾ جاءِ ٺاهي ورتي. انهيءَ گهر جا گهڻا ماڻهو اهو محسوس ڪري رهيا هئا تہ هيءُ عام ماڻهو ٻين نوڪرن کان بنهہ ابتڙ آهي. انهيءَ خاندان جي هڪ ماڻهوءَ ڪيس سيڪريٽري بڻايو. هن ساڻس وعدو ڪيو تہ هو ڪيس اعليٰ تعليم ڏيارينڊو. اهو سلسلو هلندو رهي ها تہ ڪيترين ٻولين تي عبور حاصل ڪري وٺي ها. هن جي شخصيت ۾ جيڪي اوڻايون هيون، اهي ختم ٿي وڃن ها، پر پنهنجي جهڳڙالو طبيعت جي ڪري پنهنجي پيءُ تي ويو هو.هڪ ڏينهن هو پنهنجي محسن سان وڙهي پيو. سولار خاندان ڪيس ڪڍي ڇڏيو. ان ڪانسواءِ انهيءَ علائقي جو هڪ بدمعاش بہ سندس دوست ٿي ويو هو. نوڪريءَ مان تڙجڻ ڪانپوءِ هو انهيءَ بدمعاش بليڪر وٽ پهتو.

"يار، سولار خاندان ڏاڍو بي مروت نڪتو. ايڏا ڏينهن نوڪري ڪرڻ کان پوءِ ڪڍي ڇڏيائين، جيئن ڪير مان مک..."

"تون بہ ايڏو شريف ناهين. ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ تو بہ ڪيو هوندو!"

"يار، جڏهن ويڙهہ ٿيندي آهي تہ ٺونشو هڻڻ عام ڳالهہ آهي."

"تون چئين تہ مان بہ هنن سان وڙهان. منهنجي دوست کي نوڪريءَ مان ڪڍيو اٿن."

"ڪهڙو فائدو؟ ٻيءَ جاءِ تي قسمت آزمايان ٿو."

"ڪيڏانهن ويندين؟ اڃ! توکي جنيوا ٿو وٺي هلان."

☆☆☆

ڪيس گهر مان نڪتي گهڻا ڏينهن ٿيا هئا. هو انهيءَ بدمعاش بليڪر سان گڏ جنيوا ڏانهن پنڌ هليو آيو. اهو فاصلو ٽي سؤ ميل هو، پر

ٻنهي همٽ ڪئي ۽ فاصلو گهٽائي ڇڏيو. جڏهن اهي ٻئي اماسي ويجهو پهتا تہ هن کي مادام زي وارين جو خيال آيو. روسو ارادو بدلايو. هن سوچيو تہ جنيوا بدران مادام جي ڇانوَ هيٺ رهي. هن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. لوفر بليڪر کي اتي وٺي وڃڻ مناسب نہ هو. ڪاش! هن کي نہ وٺي اچي ها. سو بليڪر کان جان ڇڏائڻ جي سوچڻ لڳو. جڏهن هو اماسي ڇڏي اڳتي وڌيا تہ روسو هڪ جاءِ تي ويهي رهيو.

"يار، ڪجهہ آرام ڪريون، ٿڪجي پيا آهيون. وڻ هيٺان سمهي پئون."

بليڪر هن جي ڳالهين ۾ اچي ويو. ليٽندي ئي ڪيس ننڊ اچي وئي. روسو جاڳي رهيو هو. هن ڏٺو تہ بليڪر سمهي رهيو آهي. روسو اٿيو ۽ اماسي ڏانهن هلڻ لڳو. بليڪر اٿيو بہ هوندو تہ هن جي ڳولا ۾ جنيوا ويو هوندو يا وري ٻيهر ساڳئي پاسي واپس هليو ويو هوندو. شهر پهچي مادام زي وارين کي ڳولڻ بلڪل سولو هو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ هو مادام جي گهر جي سامهون بيٺو هو. روسو کي شرمندگي هئي تہ هو مادام جي اميدن تي پورو نہ لٿو هو. پر هن جي دل ۾ مادام جو عڪس ايڏو تہ چٽو هو جو ساٿس ملڻ لاءِ هن جنيوا جو سفر ڇڏيو هو.

هو ماءُ جي محبت کان محروم هو ۽ مادام جي هستيءَ ۾ ڪيس ماءُ نظر آئي هئي. پر عجيب ڳالهہ هئي تہ هو اهو بہ چاهيندو هو تہ مادام سندس زال جيان خدمت ڪري.

هو اهڙن ئي متضاد سوچن جو مالڪ هو. زندگيءَ جا اعليٰ قدر بہ هن کي مٽائي نہ سگهيا هئا. شايد مادام هن جون سوچيون پڙهي ورتيون هيون. جڏهن هوءَ ساٿس ملي تہ هن جي شخصيت سندس سامهون آئي.

"توکي مذهبي تربيت جي سخت ضرورت آهي. اها تربيت تنهنجو مستقبل بہ ٿي سگهي ٿي. تون اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ ڪنهن ڳوٺ ۾ پادري ٿي سگهين ٿو."

هن روسو کي هٽ کان جهليو ۽ مذهبي سکيا گهر ۾ وٺي وئي. مادام جو منصوبو نهايت ڪارآمد هو. روسو جي رولپٽي ڪيس ڪٿي جو نہ ٿي رکيو. هو مادام جي خواهش رد ڪري نہ ٿي سگهيو. لاطيني زبان تي عبور حاصل ڪرڻ هن جي وس کان ٻاهر هو. اها زبان سکڻ کانسواءِ ديني علم سکي نہ ٿي سگهيو. هو ڪجهہ ڏينهن درسگاهہ جي پٽين سان مٿو ٽڪرائيندو رهيو ۽ نيٺ تربيت گهر کي ڇڏي ڏنائين. سکيا گهر مان نڪرڻ کانپوءِ هو مادام ڏانهن وڃي

سگهيو ٿي. هن مادام جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو هو. هاڻ هو مادام کان پري ٿي ويو.

☆☆☆

هو ڪجهه ڏينهن رلندو رهيو. پوءِ هن کي هڪ موسيقار ملي ويو. هن کي اها پڪ هئي ته هو موسيقار بڻجي سگهي ٿو. هن جي هڪ پٽي نندپڻ ۾ ڪيس لوڪ گيت ٻڌائيندي هئي. ان جو آواز ڏاڍو مٺڙ هو. اهي گيت ٻڌي ٻڌي هن کي به گيتن سان لڳاءُ ٿي ويو هو. اڪيلائيءَ ۾ هو اهي گيت جهونگاريندو هو. موسيقار سان ملڻ کانپوءِ روسو جو اهو شوق اڃا وڌيڪ اڀري آيو. هن سوچيو ته محفلن ۾ هو ڳائي ڪري تمام سٺو ڪمائي سگهي ٿو. هي موسيقار غريب ماڻهو هو. ڪيترن روڊن رستن تي مذهبي گيت ڳائي پنهنجو گذارو ڪندو هو. هو روسو سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو. روسو کي پنهنجي ٻڌائپ جو سهارو سمجهي گرمجوشيءَ سان مليو. روسو هن کان موسيقيءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. جڏهن موسيقار گهڻين ۾ ڳائڻ نڪرندو هو ته روسو به هن سان گڏ هوندو هو. روسو جو مسئلو اهو هو ته گهڻي دير هڪ رستي تي هلي نه سگهندو هو. سال تائين راڳ رنگ جون محفلون ڄمائڻ کانپوءِ روسو جي دل ڀرجي وئي. هو موسيقار کان پيچو ڇڏائڻ لاءِ انڪلون سوچڻ لڳو. هڪ ڏينهن هو بازار مان لنگهي رهيو هو ۽ موسيقار به هن سان گڏ هو. موسيقار کي اچانڪ مرگيءَ جو دورو پيو ۽ زمين تي ڪري پيو. روسو جي دل ۾ بي رحمي اچي وئي. هو پنهنجي محسن کي ڇڏي اتان کسڪي ويو. هڪ ٺڪاڻو اڃا به هن جي نظر ۾ هو. هو مادام جي گهر پهچي ويو پر مادام پيرس هلي وئي هئي. هو هارايل جواريءَ جيان روڊ تي بيٺو هو. موسيقار ڏانهن هن وڃڻ نه ٿي چاهيو ۽ مادام به هلي وئي هئي. هن سوئزرلينڊ ۾ رلڻ شروع ڪيو. هن کي وڏ کان وڏ فيشن ايبل فقير چئي سگهجي ٿو، جنهن جو ڪو ٺڪاڻو نه هو. ڪو هنر هن جي هٿ ۾ نه هو ۽ نه تعليم هيس. جتي جاءِ ملندي هيس، هو اتي سمهي رهندو هو. جيڪو ڪيس ملندو هو، ڪائيندو هو. هو جلدي انهيءَ حالت کان بيزار ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ "لوزين" هليو آيو.

☆☆☆

لوزين پهچندي ئي هن پنهنجو نالو بدلائي ڇڏيو ۽ فرانسيسي موسيقار جو روپ ٺاهي شهر جي وڏي طبقي ۾ اچڻ وڃڻ شروع ڪيائين. موسيقيءَ ۾ ٿوري گهڻي ردوبدل ته ٿي سگهي ٿي. هر ماڻهو موسيقيءَ جو ڄاڻو نه ٿو ٿي سگهي. هو انهن محفلن

۾ وڃي پنهنجون ڏنون ٻڌائيندو هو. ماڻهو ڪيس سچ پچ موسيقار سمجهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ هڪ پروفيسر جي گهر فنڪشن هو. پروفيسر، روسو کي دعوت ڏني. اوچي طبقي ۾ وڃڻ جو اهو سٺو موقعو هو. هن اهو وڃائڻ نه ٿي چاهيو. اها دعوت هن قبولي ورتي. هڪ ڏن تيار ڪري هو محفل ۾ پهچي ويو. پروفيسر جو گهر مهمانن سان ڀريل هو. جاگيردار، سرڪار آفيسر ۽ هر قسم جا مهمان بيچينيءَ سان عظيم موسيقار جو انتظار ڪري رهيا هئا. آرڪسٽرا تيار هو. روسو کي ڪارو سوٽ پهريل هو. زوردار تاڙين سان هن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. روسو، مهمانن تي هڪ نظر وڌي، مٿو لوڏي تاڙين جو جواب ڏنو ۽ هٿ ۾ پڪڙيل سنهي ڏنڊي سان آرڪسٽرا کي اشارو ڪيو. هن جي ٻڌايل ڏن ماحول کي چيري وڌو. ڪجهه دير مهمان اها ڏن ٻڌندا رهيا ۽ پوءِ بيزار ٿي ايڏو گوڙ ڪيائون جو هن کي اها ڏن اڌ ۾ روڪڻي پئي. انهيءَ شرمندگيءَ روسو کي گهڻو ڪجهه سيکاريو. هن طئ ڪيو ته هو سنجيده ٿي موسيقيءَ بابت سکيا وٺندو، جيئن ڪيس اڳتي اهڙي شرمندگي نه ڪٽڻي پوي. پنهنجي ذلت جو ازالو اهڙيءَ طرح ڪري سگهيو پئي. هو باقاعده موسيقي سکڻ لڳو. اهڙا گهڻا ادارا هئا، جتي اها تعليم ڏني ويندي هئي. هن هڪ اداري سان ڳالهايو ۽ عظيم موسيقار بنجڻ جا خواب ڏسڻ لڳو. موسيقيءَ جي اداري ۾ هن کي هڪ ڏينهن يوناني مشنري مليو. هو يوناني ڪليسا جو راهب هو ۽ مذهبي درسگاهن جي تعمير لاءِ چندو جمع ڪري رهيو هو.

روسو سان ملندي ئي هو هن جي ذهانت کان ايترو ته متاثر ٿيو جو يڪدم ڪيس پنهنجو سيڪريٽري بنجڻ جي آڇ ڪيائين.

"مان سمجهان ٿو ته موسيقي سکي توهان پنهنجون صلاحيتون زيان ڪري رهيا آهيو." راهب چيو، "اهو هڪ دير وارو عمل آهي، ان ۾ عمر به زيان ڪجي ته به گهٽ آهي. توهان نوجوان آهيو، توهان اهڙو رستو اختيار ڪيو، گهٽ وقت ۾ گهڻي دولت ڪمائي سگهو."

"توهانجي خيال ۾ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟" روسو پڇيو.

"توهانکي منهنجو سيڪريٽري بنجي وڃڻ گهرجي. توهان کي سٺي پگهار ڏيندس ۽ توهان گهمي ڦري، سير به ڪري سگهندؤ."

روسو لاءِ اهو سونهري موقعو هو. هو گهمڻ ڦرڻ جو شوقين هو. راهب سان گڏ ڪيترن شهرن جو سير به ڪري ٿي سگهيو ۽ ڪجهه ڪم ڪرڻ

کانسواءِ سٺو پگهار بہ ملندو رهندو. هو اهو بہ ڄاڻندو هو تہ چندي ۾ خرد برد بہ ڪري سگهجي ٿي. هن ٿوري بحث ڪانپوءِ راهب جو سيڪريٽري بنجڻ جو فيصلو ڪري ورتو. اهو ڪم روسو جي دل وٺان هو. وڏي طبقي تائين هن جي ڄاڻ سڃاڻ هئي. هن راهب سان ملي پئسا گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. هنن جون سرگرميون ڏسندي حڪومتي مشنري هنن تي نظر رکي. فرانسيسي سفير آڏو جلدي اها حقيقت سامهون اچي وئي تہ اهو ماڻهو حقيقت ۾ راهب نہ هو، پر رڳو روپ ڌاريو هئس. هن انهيءَ ماڻهوءَ کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. راهب بہ هوشيار هو. هو خطري کي محسوس ڪندي پئسا کڻي پڇي ويو. روسو پڪڙجي پيو، پر سفير کيس گرفتار نہ ڪيو ۽ پاڻ وٽ نوڪر ڪري رکيائينس.

☆☆☆

سفير کي هن جي ڪا ادا اهڙي وڻي جو هن کيس پنهنجو نمائندو بڻائي ڇڏيو. جتي کيس وڃڻو هوندو هو، پاڻ وڃڻ بدران روسو کي پنهنجو نمائندو ڪري موڪليندو هو. روسو ڪم ايڏي تہ سٺي طريقي سان ڪندو هو جو سفير هن تي بيحد اعتماد ڪرڻ لڳو هو. هن جي عمر ان وقت اٽڪل ويهہ سال هئي. هو پاڻ کي بهترين انتظام سنڀاليندڙ ثابت ڪري رهيو هو. فرانسيسي سفير کيس ڪنهن ڪم سان پيرس موڪليو. هو اهو ڪم ڪري موٽي رهيو هو تہ رستي ۾ کيس مادام زي وارين نظر آهي ۽ هوءَ پنهنجي حالت مان غريب نظر اچي رهي هئي. هن جي مک تي سندرتا ۽ دلڪشي اڃا بہ قائم هئا. روسو کي ڏسي هن جا نيڻ جرڪڻ لڳا. اڳيان وڌي هن روسو کي ڳلي لڳايو.

"پيارا روسو! تون ڪٿي غائب آهين؟ مان سمجهي رهي هيس تہ تون پادري بنجي ويو هوندين!"

"شايد اهو منهنجي نصيب ۾ نہ هو."

"هاڻي اتي بيٺو رهندين يا گهر بہ هلندين."

مونکي خبر هئي تہ تون پيرس هلي وئي آهين. پر توکي ڪٿي ڳوليان ها!"

"هاڻي ڳولڻ جي ضرورت ناهي، تون مون سان گڏ رهجانءِ."

هن جي گهر پهچي هن کي اهو ڏسي ڏک پهتو تہ هوءَ هڪ پراڻي گهر ۾ رهندي هئي، جنهن جا ڪمرا اونداها ۽ سوڙها هئا. هو مادام جا سٺا ڏينهن ڏسي چڪو هو. هاڻي هن وٽ شايد دولت نہ هجي، پر شفقت ضرور هئي ۽ روسو کي شفقت جي ضرورت هئي. هو انهيءَ پراڻي گهر ۾ رهڻ لڳو. مادام هن تي نہ ڄاڻ ڪهڙو

جادو ڪيو جو هن "لوزين" وڃڻ جو ارادو بدلائي ڇڏيو.

مادام سروي ڪرڻ واري هڪ اداري ۾ ۾ ڪيس نوڪري وٺي ڏني. اها نوڪري ڪنهن بہ طرح هن جي مزاج وٽان نہ هئي. هن کي رلڻ جي عادت هئي. سرڪاري آفيسن جي گهٽيل ماحول ۾ هن جي دل نہ لڳندي هئي. پر هو مادام وٽان وڃڻ نہ چاهيندو هو. مادام سان هو عشق جي حدن ۾ پهچي ويو هو. مادام جو پراڻو گهر هن جي جوانيءَ جو تارو بڻيل هو. جيسين اهو نشو لهي تيسين هو اتي رهڻ تي مجبور هو. مادام نوجوانن تي پئسو خرچ ڪرڻ جي عادي هئي. روسو هن جي ان ڪمزوريءَ مان مزو ماڻي رهيو هو. روسو اها نوڪري جلد ڇڏي ڏني.

مادام هن کي چميري ويجهو هڪ ڳوٺ موڪلي ڇڏيو، جتي هن جو ننڍڙو فارم هائوس هو. ڳوٺ جو ماحول، جهنگ، پري پري تائين ميدان، مينهوڳيءَ جي مند ۾ ڪڙڪهيتن جو قطارون، سرءَ جي مند ۾ آسمان تان وڪريل چاندوڪي، هي اهي سڀ منظر هئا، جيڪي هن جي مزاج وٽان هئا. هتي پهچي هو مادام جي بدن جو چهاءُ بہ پلجي ويو. پڙهڻ لاءِ واندڪائي هئي. هن جي تعليم اڌوري هئي. هتي ڪيس ڪوڙ سارا ڪتاب پڙهڻ لاءِ هئا. هو پنهنجو استاد پاڻ هو. علمي ڪتاب ڏيان سان پڙهندو هو. ڪتاب تان ضروري سٽون ڪاپيءَ تي نوٽ ڪندو هو. پوءِ ان تي غور ڪندو رهندو هو. نتيجي تي پهچڻ جو ڪوشش ۾ جهنگ ۾ پري پري تائين نڪري ويندو هو. وڻ هيٺان گوتم ٻڌ بنجي ڪري غور ڪندو هو. سائنسي علم ۾ دلچسپي ورتائين، فلڪياتي علم تي مشاهدا ڪيائين، جاميٽريءَ جا سوال حل ڪيائين، جيڪي علم هن اسڪول ۾ حاصل نہ ڪيا هئا، ڪيس فطرت پنهنجو پاڻ سيکاري رهي هئي.

ائين پئي لڳو تہ هو پنهنجو مستقبل ٺاهڻ جي تياريءَ ۾ انهيءَ علائقي کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏيئي رهيو هو. هن انهيءَ ڳوٺ ۾ اٽڪل ڏهہ سال گهاريا. هاڻ هن وٽ موسيقيءَ جي نوٽيشن جو جديد نظام هو، جيڪو هن پاڻ ٺاهيو هو. هڪ ڊرامو، ڪجهہ نظم، هن جي ڪيسي ۾ هئا. ڪيترائي نظريا هئا، جيڪي هن قدرت جي ڪارخاني مان ڪمايا هئا. هن کي اهڙي واپار جي ڳولا هئي، جنهن ۾ اهي شيون هو ڪپائي سگهي. هن جي جديد دنيا پيرس ئي اها جاءِ هئي، جتي ٿيٽر هئا، ناچ گهر هئا، ادبي نقاد موجود هئا، موسيقيءَ جا قدردان هئا. هن پنهنجي سامان جو جائزو ورتو. مادام کان موڪلاڻ بنا

پڇي ويو ۽ سڌو اچي پيرس پهتو. پيرس اڪيڊمي جا در هر باصلاحيت فرد لاءِ کليل هئا. هن پنهنجو موسيقيءَ تي لکيل مقالو اڪيڊميءَ آڏو پيش ڪيو. انهيءَ مقالي کي هٿو هٽ ڪنيو ويو. ان جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي رکي وئي. روسو کي پڪ هئي ته هن جيڪو نظام ٺاهيو آهي، ڪاميٽي ان کي اکين تي رکندي. پيرس ۾ ڏوم مچي ويندي. هو ڪجهه دوستن سان ڪيفي ۾ ويٺو هو. ڪنهن ڪيس ڪاميٽيءَ جو فيصلو ٻڌايو. اهو فيصلو هن جي حق ۾ نه هو. ان لاءِ هو وائڙو ٿي ويو.

"سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي! ڪنهن ائين هروپرو چيو هوندو. منهنجي مقالي کي رد نه ٿو ڪري سگهجي."

"روسو تون جذباتي نه ٿيءُ. ڪاميابي ۽ ناڪامي ٻئي گڏوگڏ هلن ٿا. ضروري نه آهي ته سدائين ڪاميابي ملي."

"ان ڪاميٽيءَ ۾ ڪهڙو مشهور موسيقار هو؟ مونکي ٻڌاءِ ته جيئن مان هن کان پڇان ته منهنجي مقالي ۾ ڪهڙي خامي هئي."

"توکي خبر ناهي ته ان ڪاميٽيءَ جا ڪهڙا ميمبر هئا؟"

"مونکي ان جي ضرورت ئي محسوس نه ٿي."

"جيسين اسان دوستن کي خبر آهي، انهيءَ ڪاميٽيءَ منجهه ڪنهن ماهر موسيقار جو نالو ناهي."

"اها ته وڏي ناانصافي آهي، ان جو مطلب ته منهنجو اهو خيال درست آهي ته نا انصافي وڏي طاقت آهي. ڪردار جو اهو جهول به فن جي ماهر کي زيب ڏئي ٿو."

"اهو تنهنجو نظريو ٿي سگهي ٿو."

"ها منهنجو نظريو آهي. ان لاءِ جو مون سان سدائين نا انصافيون ٿيون آهن. خير ڪا ڳالهه ناهي، دنيا جي شڪارين جي شڪار ۾ هٿ وجهي ڏسندس."

☆☆☆

هن پنهنجو ڊرامو اسٽيج تي پيش ڪرڻ چاهيو، پر پروڊيوسرن ان ۾ دلچسپي نه ورتي. هن جو اهو خواب اکين ۾ رهجي ويو. معاشري جي مزاج خلاف هن جي ڪاوڙ وڌندي وئي. هن جا دوست هن کي دلاسا ڏيندا رهيا. پرديس ۾ ڪو به هن جو حال ڇاڻڻ وارو نه هو. هو ڊگهي رولاڻپ شروع ڪرڻ وارو هو. هڪ دوست ڪيس هٿ کان جهلي ورتو.

"وڙهڻو اٿئي ته وڏي رتبي وارن ماڻهن سان وڙه. ڪو اوچاين کان ڪرندو آهي ته اوچاين تائين پهچندو به آهي. گهڻين ۾ رلندڙ چورن سان رلندين ته ڏرتيءَ تي پيو رهندين. ڪڏهن اوچاين تائين نه پهچي سگهندين."

"جاگيردار طبقي وارا مونکي پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏيندا. مان هنن جي زندگين تي ريس ضرور ڪندو آهيان، پر هنن وچ ۾ منهنجي جاءِ ناهي."

"تون ذهين آهين، شاعريءَ جي دولت تو وٽ آهي، ڪير آهي جيڪو توکي پاڻ سان گڏ نہ ويهاريندو." هن جي هڪ دوست چيو، "اهو تہ تون بہ ڄاڻين ٿو تہ هنن وٽ دولت جو بازار گرم آهي. انهيءَ طبقي سان تنهنجي سجاڻپ آئون ڪرائيندس. تون انهن جي محفلن ۾ مون سان گڏ هلندين. تون هنن تي ايئن ظاهر ڪندين تہ تو وٽ دولت کانسواءِ ٻيو گهڻو ڪجهہ آهي."

انهيءَ دوست کيس اوچي طبقي سان سجاڻپ ڪرائي، وڏن آفيسرن، نوابن ۽ شهزادن تائين ان جي پهچ ٿي وئي. ڏسندي ڏسندي هو پنهنجي ذهانت ۽ سٺي ڳالهائڻ ڪري وڏي طبقي ۾ رلي ملي ويو. طبقاتي نظام ۾ وڃئين طبقي واري فرد جي وڏي طبقي تائين پهچ ڪا سولي ڳالهہ نہ هئي، پر روسو نہ فقط انهيءَ تائين پهچي ويو، پر هٿوهٿ ورتو پئي ويو. انهن محفلن ۾ فيشن ايبل عورتون بيحجاب ايندون هيون. روسو نوجوان هو، انهن عورتن جي رش ۾ پهتو تہ گلن ۾ لڪي ويو. انهن با اثر عورتن ۾ بہ اهڙا نالا هئا، جن سان ملڻ دوستيءَ جي حدن تائين پهچي ويو. "مادام دي ڪنتران" ۽ "دوپان" ، طبقاتي ٻنڌڻ وساري هن جي اڪيلاڻپ ۾ شريڪ ٿيڻ لڳيون. هن جي شاعريءَ جي ماڪ انهن گلن جا مک ڏٺارڻ ۾ رڌل هئي. پتين تي نڪار آيو تہ ماڪ جون ٿورائتيون ٿيڻ لڳيون. هو پنهنجي شاعري انهن کي ٻڌائيندو هو ۽ اهي هن جي بدنصيبيءَ واري شاعري ٻڌي اداس ٿي ويندیون هيون. انهن ٻنهي عورتن جي گهر ۾ ڪيس پيرس جي مشهور هستين، اديبن، سائنسدانن ۽ موسيقارن سان ملڻ جو موقعو مليو. انهن ۾ نوجوان "ديدرو" بہ هو، جيڪو تمام جلد روسو جو جانثار دوست بنجي ويو. ماندام دوپان فرانس جي امير ماڻهن مان هڪ جي ڌيءُ هئي ۽ ٻئي امير ماڻهوءَ جي زال هئي. هوءَ روسو جي دردیلي شاعري ٻڌي ايتري تہ متاثر ٿي جو روسو جو تمام گهڻو خيال رکڻ لڳي، جنهن ڪري روسو غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويو. هن هڪ ڏينهن کيس محبت نامو لکي موڪليو.

هن جي اها جسارت ڪنهن گستاخيءَ کان گهٽ نہ هئي، پر دوپان هن کي نہ فقط معاف ڪري ڇڏيو، پر وينس ۾ پنهنجي ملڪ جي سفير جي

سيڪريٽريءَ جو عهدو بہ ڏياريو تہ جيئن هو پيرس مان هليو وڃي. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو هن لاءِ بدناميءَ جو ڪارڻ بڻجي.

☆☆☆

1743ع جي بهار جي مند جا ڏينهن هئا، جڏهن رولو شاعر کي پنهنجيون نيون ذميداريون سنڀالڻ لاءِ وينس وڃڻو هو. هن هڪ دفعو ٻيهر سوچيو، اميد جي شمع ٻاري تہ جنهن سفير وٽ هو وڃي رهيو آهي، اهو ظاهر آهي سفير آهي. عزت وارو آهي، ذهانت جو شاهڪار هوندو. انهيءَ سفير کان گهڻو ڪجهہ سکندو. ان سان گهاريل ڏينهن يادگار هوندا. پر وينس پهچي جڏهن هو سفير سان مليو تہ ڇڻ ٽاندن تي پاڻي پئجي ويو. هن آڏو اهڙو ماڻهو ويٺو هو، جيڪو نڪمو ۽ بيوقوف لڳي رهيو هو. هو ساٿس وڏائيءَ مان مليو. روسو کي پڪ ٿي وئي تہ هو گهڻي دير هن سان رهي ڪونہ سگهندو.

هن اهو فيصلو ڪيو تہ هو ڪوشش ڪري گهڻو وقت اتي رهڻ جي ڪوشش ڪندو. روسو پنهنجو ڪم ڪري رهيو هو، پر هن جو مقابلو اهڙي ماڻهوءَ سان نہ هو، جيڪو پنهنجي هيٺ ڪم ڪندڙ مان خوش ٿئي. هو روسو جي ڪم مان ڪيڙا ڪڍندو هو. روسو بہ ڪاوڙيل هو. جلدي هنن ٻنهي ۾ جهيڙا ٿيڻ لڳا. انهن جهڳڙن هوندي بہ روسو ارڙنهن مهينا اتي گهاريا. هڪ ڏينهن روسو جو صبر جواب ڏيئي ويو. هن هڪ خطرناڪ جهيڙو ڪيو ۽ استعفيٰ ڏيئي پيرس هليو آيو. هو ٽاندا ڇڏي گلن جي آس ۾ موٽيو هو. انهن عورتن جي ڪشش ڪيس ڇڪي واپس وٺي آئي هئي. خاص ڪري مادام دوپان ڪيس ڪانہ ڪا نوڪري وٺي ڏيندي. ان لاءِ هو پيرس ايندي ئي مادام دوپان جي گهر ويو. دربان ڪيس چيو تہ مادام آرام ڪري رهي آهي، جنهن ڪري هو ڪنهن ٻئي وقت اچي. اهڙي ڳالهہ ان کان اڳ ساٿس ڪڏهن بہ نہ ٿي هئي. هو جڏهن چاهيندو هو، هليو ايندو هو. هن صبر جو ڪڙو ڍڪ پيتو ۽ هليو آيو. هن ٻيهر بہ ملڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ڪاميابي نہ ٿي. هڪ محفل ۾ هوءَ ڪيس ملي تہ هن جي پيشانيءَ تي طبقاتي نظام جا گهنج نظر اچي رهيا هئا. هوءَ روسو سان ائين ڳالهائي رهي هئي، جيئن اوچائي، هيٺائينءَ کي ڏسندي آهي.

"تو ڪهڙو لباس پاتو آهي؟ ماڻهو توکي مون سان ڏسندا تہ ڇا سوچيندا؟"

"مادام مان تہ هميشہ اهڙو ئي لباس پائيندو آهيان."

"هوندو، مون ڪڏهن غور ناهي

ڪيو. مان پنهنجي سيڪريٽريءَ کي چونديس تہ هو غريب شاعر کي سنا ڪپڙا نهرائي ڏي."

"مادام توهان تہ مون کي شوق سان پنهنجين محفلن ۾ سڏائيندين هيون!"

"ها! ياد آيو. تو مونکي محبت وارو خط بہ تہ لکيو هو."

"اها منهنجي ڀل هئي، مون سمجهيو تہ اسين ٻئي انسان آهيون."

"ڪيڙا ماڪوڙا اهو ئي سوچيندا آهن."

مادام اهو چئي رنگ ۽ نور جي هجوم ۾ هلي وئي. روسو سوچيو تہ هيءَ عورت هن جي محبت واري لکيل خط جي ڪاوڙ لاهي رهي آهي. مادام دي ڪنتران بہ هن جي قدردان هئي. ضرور هوءَ هن جي مدد ڪندي. روسو جڏهن هن سان مليو تہ هن بہ اکيون ڦيري ڇڏيون. هو وقت جي سيني تي پير رکي بيٺو هو، پر هن جا هٿ آسمان جي بلنديءَ کي ڇهڻ کان قاصر هئا. هو هڪ اهڙي سماج ۾ زنده هو، جتي انسان کي دولت ۽ ذات پات سان پرکيو ويندو هو. هن وٽ انهن مان ڪجهہ بہ نہ هو. هڪ دفعو ٻيهر اعليٰ طريقن ۽ اوچي سوسائٽيءَ لاءِ هن جي دل ۾ نفرت ڪر ڪنيو. "مان اهڙي جاءِ تي ڇو رهان، جتي وڏي طبقي جي ڪريل ماڻهن کي ڏسان."

☆☆☆

هن هوٽل مان پنهجو سامان کنيو ۽ هڪ خراب هوٽل ۾ پهتو، جنهن کي هوٽل گهٽ، بني وڌيڪ چئجي تہ بهتر ٿيندو. هوٽل جي ڪني ڪمري ۾ سامان رکي هن سوچيو تہ اصل زندگي تہ اها آهي، فطرت جي ويجهو. پئسي وارن فطرت جو چهرو بگاڙي ڇڏيو آهي ۽ لاڳاپن جو نالو تهذيب رکيو ويو آهي. بي رحمي ۽ نا انصافي انهن جي سرمايو آهي. انهن جا ڪپڙا تہ اجرا آهن، پر سندن ڪردار ميرو ۽ ڪراهيت سان ڀريل آهي. هنڌ تي سمهي هو پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيندو رهيو. پوءِ اٿي هوٽل جي مالڪياڻيءَ سان ملڻ ويو. ان وقت هوٽل جي مالڪياڻيءَ وٽ مهمان ويٺل هئا. هو مٽڻ وارو هو پر مالڪياڻيءَ ڪيس زوريءَ ويهاري ڇڏيو. روسو مهمان ڏانهن نهاريو تہ هن جي نظر هڪ ڳوناڻي ڇوڪريءَ تي پئي، جيڪا نوڪرياڻي هئي ۽ مهمانن جي خدمت ڪري رهي هئي. هن جي عمر اهڙي نہ هئي جو مالڪياڻيءَ جي حڪم تي نچندي رهي. روسو جي دل ۾ رحم اچي ويو. اهڙي جذبي جي اميد هن مان ڪري نہ ٿي سگهجي. هو ان مهل جنهن حالت مان گذري رهيو هو، طبقاتي نظام خلاف هن جي دل ۾ جيڪو ڪروڌ هو، ان مهل انهيءَ غريب ڇوڪريءَ

کي ڏسي اهڙا جذبا هن جي دل ۾ اڀري آيا. هوءَ ڄانهه ڪٽي هن جي ويجهو آئي تہ هن اهڙين نظرن سان ڪيس ڏٺو، جنهن جو مطلب هر ڇوڪري ڇڳيءَ طرح سمجهي سگهي ٿي.

هئي ڏينهن هو ٻيهر مالڪياٽيءَ وٽ ويٺو هو. هن کي نوڪرياٽيءَ ۾ دلچسپي هئي، جنهن جي نالي جي بہ ڪيس خبر نہ هئي. مالڪياٽي، روسو جي ڳالهئڻ مان متاثر هئي. هو بہ اهو ئي چاهيندو هو، مالڪياٽي هن تي اعتماد ڪري. هو ڳالهائي مالڪياٽيءَ سان رهيو هو، پر ڏسي نوڪرياٽيءَ کي رهيو هو. نوڪرياٽي جي ڪوجهن مهانڊن ۾ ڪيس مڃاڻ ڪهڙي ڪشش نظر آئي هئي.

"ڇوڪريءَ تنهنجو نالو ڇا آهي؟" روسو رعب سان پڇيو.

"منهنجو نالو ٽريزي آهي." هن ڪيس ائين جواب ڏنو، جڻ هن کي پٿر هنيو هجي. روسو کي سادن ماڻهن جو ڇنڪو انداز وڻندو هو. ٽريزي جنهن انداز سان نالو ٻڌايو هو، روسو جي دل ۾ پيهي وئي. جواب ڏيندي هوءَ عام ڇوڪرين جيان لڄي نہ ٿي هئي. روسو جي خيال ۾، شرمائيندو اهو آهي، جنهن جي دل ۾ چور هوندو آهي. ٽريزيءَ جي بيحجابيءَ هن کي لاجواب ڪري ڇڏيو هو.

روسو کي خبر پئي تہ ٽريزي هوٽل جي مهمانن لاءِ رڪيل نوڪرياٽي آهي ۽ هاٽي هو ان تاڙ ۾ هو، جڏهن مالڪياٽيءَ جي غيرحاضريءَ ۾ ٽريزيءَ سان ملي تہ جيئن هن بابت ڄاڻي سگهي. هن ڏٺو تہ اڪثر ڪري مالڪياٽي دخل تي ويهندي هئي ۽ ٽريزي هن جو ڪمرو صاف ڪرڻ لاءِ ڪمري ۾ هوندي آهي. ان ڳالهہ جو فائدو وٺندي هو ڪمري ۾ هليو آيو. ٽريزي هن کي ڏسي چيو، "ڇو آيو آهين؟ هي مالڪياٽيءَ جو ڪمرو آهي."

"هتي تون بہ تہ آهين. توسان ملڻ آيو آهيان."

"مون سان ملڻ ڇو آيو آهين؟"

"ٽريزي تنهنجا ماءُ پي آهن؟"

"ها، آهن. ڪندا ڪجهہ بہ ناهن، بس منهنجي ڪمائيءَ تي گذارو ڪندا آهن."

"پوءِ تہ تون غريب آهين."

"غريب نہ هجان ها تہ هتي نوڪري ڇو ڪريان ها!"

"مون سان هل، مان توکي پنهنجي زال بڻائيندس."

"مان ڇا ڪيان. مان توسان ڪٽي رهان بہ، پر منهنجا ماءُ پيءُ بہ توسان رهندا."

"اهو ڪهڙو شرط آهي؟"

"شرط منظور ناهي تہ پوءِ هتان ٽري وڃ."

"نيڪ آهي، مان گهر ڏسي وٺان، پوءِ توکي هتان وٺي هلندس ۽ ڏس پنهنجي مالڪياڻيءَ کي نہ ٻڌائجانءِ."

"مان ڪوڙ ناهيان ڳالهائيندي."

"هن کي خبر پئي تہ هوءَ توکي هتان ڪڍهن بہ وڃڻ نہ ڏيندي."

"مون چيو تہ مان ڪوڙ ناهيان ڳالهائيندي."

"ٻلا پڇي تہ ٻڌائجان، پاڻ ڪڍهن نہ چئجانس."

"مان ڇو چونديس، اهڙي ڇري آهيان ڇا؟"

روسو هوٽل مان نڪتو ۽ ديدرو سان ملڻ سندس گهر آيو. ديدرو ۽ هن جي دوستي اڃا تائين هلي رهي هئي. هن کي پڪ هئي تہ هو ڪونہ ڪو بندوبست ڪري وٺندو.

"ديدرو، مان شادي ڪري رهيو آهيان."

"مبارڪ هجئي، پر ڪنهن سان؟"

"مان جنهن هوٽل ۾ رهان پيو، اتي نوڪرياڻي آهي ٽريزي، ان سان."

"چريو تہ نہ ٿي ويو آهين. هڪ نوڪرياڻيءَ سان شادي ڪندين. صفا تباهہ ٿي ويندين!"

"هوءِ فطرت جيان سادي آهي. اهو ئي منهنجو نظريو آهي."

"اها سادگي توکي ڪٿان ٻيءَ جاءِ تان بہ ملي سگهي ٿي."

"سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. شهر ڪڍهن بہ جهنگ ناهن ٿيندا."

"خير مونکي ڇا؟ تون مونکان ڇا ٿو ڇاهين؟"

"هن کي هوٽل ۾ تہ نہ رهائيندس، مونکي هڪ گهر کپي."

ديدرو جي ڪوشش سان ڪيس گهر بہ ملي ويو. هو ٽريزيءَ کي گهر ۾ وٺي آيو. هوءَ اڪيلي نہ آئي هئي، وعدي مطابق پنهنجن ماءُ پيءُ کي بہ وٺي آئي. روسو، ٽريزيءَ کي اهو چئي وٺي آيو هو تہ هو ڪيس پنهنجي زال بڻائيندو. هن ڪيس پنهنجي زال ضرور بڻايو، پر ساڻس شادي نہ ڪئي. هو ٻئي شاديءَ کانسواءِ زال مڙس ٿي رهي رهيا هئا. شايد هو شاديءَ کي بہ فطرت جي خلاف سمجهندو هو. شايد ٽريزيءَ کي بہ خبر نہ هئي تہ شاديءَ کانسواءِ ڪا ڇوڪري زال نہ ٿي بنجي سگهي. روسو جا دوست جڏهن ٽريزيءَ سان ملندا هئا تہ منهن مٿو پٽيندا هئا تہ روسو ڪهڙي ڇوڪريءَ کي گهر وٺي آيو آهي، جيڪا گهڙيال ڏسي ٽائم بہ نہ ٿي ٻڌائي سگهي! روسو هن سان ڪيئن خوش رهي سگهي ٿو! ڳالهہ اها هئي تہ روسو جا دوست جيڪي خوبيون ٽريزيءَ ۾ ڏسڻ چاهيندا هئا، روسو کي ان جي ڳولا نہ هئي. جيڪو ڪجهہ ٽريزيءَ ۾ ڏسڻو هو، اهو هن جي دوستن کان ڳجهو هو.

☆☆☆

فرانس کو گهڻ ملڪ نہ هو. اهو برطانيہ کانپوءِ ٻي وڏي طاقت هو. دولت جي گهڻائي هئي. هن ۾ نيون آبادیون ٿي رهيون هيون. پر دولت امير ماڻهن جي هٿ ۾ هئي. ننڍي طبقي جي مقابلي ۾ آباديءَ جو وڏو تعداد غربت ۽ محروميءَ واري زندگي گهاري رهيو هو. جاگيرداري نظام چانيل هو. عوام تي ٽيڪسن جي ڀرمار هئي. ان ظالماڻي نظام ۾ فڪر ۽ لکڻ ۽ تقرير جي گنجائش ڪٿي هئي. ڪليسا، ظلم ۽ استحصال کي قائم رکڻ وارو ادارو بنجي ويو هو. رواداري ۽ خلوص ختم ٿي ويو هو. ان جي ابتڙ فرانس جي پاڙيسري ملڪ برطانيہ ۾ آزاديءَ جو درياهہ وهي رهيو هو. برطانيہ سياسي،سماجي ۽ مذهبي آزاديءَ جي اعتبار کان نہ فقط يورپ پر سڄي دنيا لاءِ بهترين نمونو هو.

برطانيہ ملڪ مان شخصي حڪومت ختم ٿي وئي هئي ۽ با اختيار پارليامينٽ وجود ۾ اچي وئي هئي. اهي خبرون فرانس تائين پهچي ويون هيون. انهن پرڪشش خبرن هڪ روشن ۽ آزاد خيال طبقو فرانس ۾ جنم ڏنو. ان طبقي آڏو فرانس جو اصل مرض جهالت، تعصب ۽ مذهبي تنگ نظري هو. هنن محسوس ڪيو تہ هر فرانس کي انهيءَ مرض مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ کانسواءِ آزادي نہ ٿي ماڻي سگهجي. فرانس کي آزاد ڪرائڻ لاءِ انقلاب جي ضرورت هئي. انهن آزاد خيال دانشورن اهو ڪم پنهنجين لکڻين مان روتو. روسو جو دوست ديدرو انهيءَ لکڻ واري مهم جو روح روان هو. جڏهن انهن نوجوان دانشورن انسائيڪلوپيڊيا ڇپائڻ جو بندوبست ڪيو تہ ديدرو کي ان جو ايڊيٽر بڻايو ويو. امير طبقي لاءِ جيڪي روسو جا خيال هئا، ديدرو انهن کان ڇڳيءَ طرح واقف هو. هن روسو کي بہ راضي ڪيو تہ انسائيڪلو پيڊيا لاءِ لکي. روسو سمجهندو هو تہ فرانس جي موسيقي امير طبقي جي قدامت پسنديءَ جيان قديم آهي. هن موسيقيءَ تي مقالا لکڻ شروع ڪيا. اهو سلسلو هليو تہ امير طبقي انهيءَ انسائيڪلوپيڊيا جو نوٽيس ورتو. هو نون خيالن ۽ نون علمن کي فرانس ۾ پکيڙي رهيا هئا. مذهبي ۽ سياسي حلقن آڏو اهي ڪوششون خطرناڪ هيون ۽ انهن کي روڪڻ جي ضرورت هئي. هڪ هڪ لفظ، هڪ هڪ لکڻيءَ جو جائزو ورتو پئي ويو. آخر ڪار هڪ بهانو هٿ اچي وين. ديدرو هڪ مضمون انڌن بابت "هڪ مڪتوب" جي عنوان سان لکيو. حڪمران طبقي کي هن جي اها ادا نہ وڻي. ڪيس گرفتار ڪري جيل اماڻيو ويو.روسو سميت

سيئي ڇٽا رپوش ٿي ويا. جڏهن ڊپ جي ڏنڌ ختم ٿي ۽ دوستن کي پڪ ٿي ته فقط ديدرو کي گرفتار ڪرڻو هو ته روسو پنهنجي روپوشي ختم ڪئي. ديدرو سان ملڻ لاءِ "ون سيني" جيل ويو، جتي هن جو دوست واڙيل هو.

☆☆☆

1749ع جي هڪ گرم منجهند جو روسو اوڏانهن ويو ٿي ته سندس نظر اخبار تي پئي. ان اخبار ۾ انعامي لکڻين جي مقابلي لاءِ اطلاع هو. اهو اعلان "ويزون" جي اڪيڊميءَ پاران شايع ڪيو ويو هو. اها اڪيڊمي فرانس جي علمي ادارن ۾ اعليٰ حيثيت رکندڙ هئي. انعام جي لالچ ۾ روسو ان اعلان کي تڪڙو تڪڙو پڙهڻ لڳو ۽ جڏهن هن مضمون بابت پڙهيائين ته هن جي دل جهومڻ لڳي. موضوع هو، مختلف فنن جي ترقي اخلاق سڌارڻ ۾ مدد ڏني آهي يا ان کي بگاڙيو آهي. اهو موضوع روسو جو پسنديده موضوع هو. هن کي لڳو، ڄڻ هو صدين کان ان موضوع تي لکڻ چاهيندو هو. ڪو هن کان لکرائڻ گهري ٿو ته هو ڇو نه لکي! هن جي دل ۾ ڪيترائي ڏيئا ٻرڻ لڳا ۽ ذهن ۾ خيالن حملو ڪري ڏنس. نوان نوان خيال سندس ذهن ۾ اچڻ لڳا. هو دل ئي دل ۾ اهو مضمون لکڻ لڳو. هن کي هلڻ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي: هو تاڙجي رهيو هو. ڪجهه اڳتي هلي هو ٽڪجي پيو ۽ وڻ هيٺان ويهي رهيو. هن جون اکيون بند هيون ۽ لڙڪ وهي رهيا هئا. جڏهن ڪيس هوش آيو ته هو ان نتيجي تي پهتو ته "انسان پنهنجي فطرت ۾ نيڪ آهي. اهي ارادا آهن، جيڪي ڪيس ڪٽان جو نه ٿا ڇڏين."

هو گهڻي دير تائين پنهنجي حالت تي غور ڪندو رهيو. ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيس ته هو هينئر ڪهڙي نفسياتي ڪيفيت مان لنگهيو آهي. هن جي اها حالت ڇو ٿي هئي؟ ڇا اهو ڪو راز هو؟ هو اڳتي سوچي نه سگهيو. هن کي ياد آيو هو ته پنهنجي دوست ديدرو سان ملڻ پئي ويو. هن پنهنجا لڙڪ اگهيا ۽ جيل ڏانهن هلڻ لڳو. هو جيل پهتو ۽ ديدرو سان مليو ته حيران ٿي ويو. هن جو چهرو پيلو هو ۽ منهن تي اهڙي حالت لکيل هئي جو ديدرو ڪيس نظرانداز نه ڪري سگهيو.

"روسو پاڻ سالن کانپوءِ مليا آهيون ڇا! تون بيماريءَ مان ته ڪو نه اٿيو آهين؟"

"اها ڳالهه ناهي، پر تون اهو ڇو پيو پڇين؟"

"ان لاءِ جو تنهنجو چهرو پيلو لڳي رهيو آهي."

"مونکي شڪ هو ته تون ضرور منهنجي منهن مان ڄاڻي وٺندين."

"ڇا ڳالهه آهي روسو؟"

هن جي پڇڻ تي پاڻ تي حاوي ٿيندڙ حالت ٻڌائي. ديدرو غور سان هن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. جڏهن هن ڳالهه پوري ڪئي تہ ديدرو هن کي چيو، "انهيءَ کي قبول ڪري وٺ. توکي قدرت اهو موقعو ڏنو اهي. ان کي نہ وڃاءِ. جلدي گهر وڃ ۽ پنهنجا خيال قلم بند ڪر. مقالو لک ۽ موڪلي ڇڏ."

☆☆☆

هن ديدرو کان موڪلايو. هن کي گهر پهچڻ جي ايڏي تڪڙ اڄ کان اڳ ڪڏهن نہ ٿي هئي. هن کي ڊپ هو تہ هن جي ذهن ۾ ايندڙ خيال ڪٿي هليا نہ وڃن. هن جلد کان جلد انهن کي ڪاغذ تي لکڻ چاهيو ٿي. ڪيترا دفعا ڪيس خيال آيو تہ ڪنهن رودِ جي ڪناري تي ويهي لکي، پر هو هلندو رهيو. ايستائين جو هن جو گهر اچي ويو. ڪمري ۾ صندوق تي ڪاڏو رکي هن جي زال سندس انتظار ڪري رهي هئي. هو ٻئي انهيءَ صندوق تي ماني رکي کائيندا هئا.

"اڄ دير ڪري ڇڏيئي؟ مونکي بک لڳي آهي، توکي ڪو هوش ناهي."

"مونکي بک ناهي. مونکي لکڻو آهي."

"پلي نہ کاءُ. بابا جي دوا جا پئسا ڏي. ڪالهه کان هو بيمار آهي."

"ناهن پئسا مون وٽ. ڪنهن محتاجن جي اداري ۾ ڪيس داخل ڪراءِ." هن چيو ۽ ٽريزيءَ کي ڏکو ڏيئي ڪمري جو در اندران بند ڪري ڇڏيائين. اها گهرو زندگي هن کي پسند هئي. ان لاءِ تہ ڪيس ٽريزي بہ پسند هئي. اها بہ هن جيان کهري ۽ سخت هئي، پر دل جي ڏاڍي سٺي هئي. ان لاءِ هنن جي ويڙهه گهٽي دير نہ هلندي هئي. ڪمرو بند ٿيندي ئي خيال هن تي حاوي ٿي ويا. هن سڀ ڳالهيون هڪ ڪاغذ تي لکڻ شروع ڪيون. در ڪڙڪندو رهيو. هن سمجهيو ٿي تہ ٽريزي هوندي، پر هن ان مهل قلم روڪڻ نہ ٿي چاهيو. ٽريزي مايوس ٿي هلي وئي. هن جو قلم ڊوڙي رهيو هو. در رات جو بہ ڪڙڪندو رهيو. هو سڀ خيال پني تي لکي چڪو هو. سندس ذهن جو دڪان خالي ٿي چڪو هو. هاڻي هن چاهيو پئي تہ ٿڪل ذهن کي ٿوري دير لاءِ آرام ڏي. هن اٿي ڪري در کوليو.

"شڪر آ، تون جيئرو آهين. مون سمجهيو تہ تو آپگهات ڪري ڇڏيو."

"تون ڇو ٿي چاهين تہ مان مري وڃان؟"

"مان اهو چاهيان ها تہ هر هر در ڇو ڪڙڪايان ها! در ڇو نہ پئي کوليئي؟"

"ڳالهه اها آهي تہ مان هڪ

زبردست مضمون لکڻ وارو آهيان. پوءِ پنهنجيون حالتون بدلجي ويندیون. تون بابا جو علاج ڪرائيندينءَ. مان ان لاءِ ڳالهايو آهي. مان هن کي محتاجن جي اداري ۾ داخل ڪرائيندس. اهي پاڻهي ان جو علاج ڪرائيندا."

"ڇا؟ تون منهنجي پيءُ کي محتاجن جي اداري ۾ داخل ڪرائيندين."

"مان ڇا ڪندس، ان ڳالهه کي ڇڏ. في الحال مونکي اڪيلو ڇڏي ڏي."

"مان توکي ڪجهه ڇوندس تہ تون مونکي ڪمري مان ڪڍي ڇڏيندين. ان لاءِ مان ماڻ ڪيان ٿي."

ٽريزي ائين چئي هنڌ تي سمهي پئي.

روسو بہ ليٽي پيو. هو مقالو لکڻ لاءِ پنهنجي ذهن ۾ خاڪو تيار ڪندي ڪندي سهمي رهيو. هن جي اک ڪلي تہ ٽريزي ڪيس اتاري رهي هئي.

"اٿ نہ، دريءَ ۾ ويهي جهرڪيون نہ ڏسندين؟"

"توکي خبر آهي تہ مان رات جو ڪنهن مهل ستو هوس. ڇو ٿي پريشان ڪرين."

"مونکي ڪهڙي خبر تہ ڪنهن مهل ستو هئين. هل مان بہ جهرڪيون نہ ٿي ڏسان."

روسو سوچيو تہ جيڪڏهن هو هنڌ مان نہ نڪتو تہ ويچاري ٽريزي بہ ان منظر مان مزو نہ وٺي سگهندي. ان ڪري هو اٿي ويٺو. ٻئي صبح جو دريءَ جي پرسان ويهي پڪين کي اڏامندي ڏسندا رهيا. ڪجهه دير ڪانپوءِ ٽريزي نيرن ڪٽي آئي. هو نيرن ڪري رهيو هو، جو ٽريزيءَ جي ماءُ آئي. هن جي منهن تي مرڪ هئي ۽ نيرن واري صندوق تائين اچي روسو جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وڌائين.

"مون ٻڌو آهي تہ تون امير بنجڻ وارو آهين."

"توهانکي ڪنهن ٻڌايو؟"

"ٽرزيءَ ٻڌايو تہ توکي انعام وارا پئسا ملڻا آهن. مون لاءِ سونو هار وٺي اچڻ نہ وسارجانءِ."

"اوه! تہ اها ڳالهه آهي. لالچي ڪراڙي!" روسو دل ۾ سوچيو ۽ هن کي دلاسو ڏيئي روانو ڪيو. هو ٽريزيءَ جي لالچي ماءُ کان تنگ هو، پر ٽريزيءَ جي محبت ڪري هو مجبور هو.

☆☆☆

هاڻ ٽريزيءَ کي خبر پئي تہ روسو ڪائنس ناراض نہ هو، پر هن تي لکڻ جو ڀوت سوار هو. جيسين هو پنهنجو ڪم نہ ڪري وٺندو، هوش ۾ نہ ايندو. هوءَ هن جي لاپرواهي پرداشت ڪري رهي هئي. جڏهن هو لکڻ ويهندو هو، هن جو رويو ائين هوندو هو. ٽريزي اهو برداشت ڪرڻ سهي وئي هئي. روسو ڪيترا ڏينهن

سوچيندو رهيو. نيٺ مقالو لکڻ ويٺو. هن کي خبر هئي تہ انهيءَ موضوع بابت اڪيڊميءَ جيڪي سوال ڏنا آهن، اهي سڀ جواب مٿس قدرتي اسرار جيان ظاهر ٿي ويا هئا. هن مقابلي لاءِ مقالو لکي اڪيڊميءَ آڏو پيش ڪيو. اڪيڊميءَ طرفان ڪيل سوال جو جواب هن اهو ڏنو هو تہ فنن جي ترقي اخلاق ۽ ادب کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. تهذيب هر جاءِ تي انسانن کي اخلاقي ۽ جسماني لحاظ کان ڪمزور ڪيو آهي. اهي قومون ۽ گروهہ مضبوط آهن، جيڪي نيڪيءَ جي راهہ تي هلي رهيا آهن، جن پنهنجي قديم سادگي قائم رکي آهي. مختلف فنن جي وڌڻ سان سماج تباهہ ٿيو آهي. ان سان بداخلاقي ۽ زوال وڌيو آهي. هن مقالي ۾ دعويٰ ڪئي تہ مختلف فنن جو ڪارڻ گناهہ ۽ بدي هو. مثال طور علم فلڪيات جي شروعات وهم کان ٿي ۽ فصاحت ۽ بلاغت جي شروعات چاپلوسي، نفرت ۽ خواهشن کان ٿي. جڏهن تہ اخلاقيات جو نتيجو غرور هو. اسان ڏسون ٿا تہ فن ۽ عيش پرستي گڏوگڏ هلن ٿا."

روسو اهي سڀ خيال ارڙهين صديءَ جي وچ ۾ قلمبند ڪيا هئا. ماڻهو علمن جي حوالي سان گهڻيون اميدون سانڍي وينا هئا. اهڙي ماحول ۾ هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪري ماڻهن کي وائڙو ڪري ڇڏيو. اڪيڊميءَ جي انعامي مقابلي ۾ روسو سميت ڇوڏهن ڇڻن حصو ورتو هو، پر انعام روسو کي مليو. اهو مقالو جيئن ئي شايع ٿيو، فرانس جي علمي دنيا ۾ هلچل مچي وئي. هر لفظ انوکو ۽ ٻرندڙ ٽاندو هو. اهڙن انوکا خيال رکڻ واري ماڻهوءَ بابت هر ڪنهن ڇاڻڻ گهريو ٿئي. هن جي لکڻيءَ ڪيس آسمان تي پهچائي ڇڏيو. هن کي اهو سڀ ڪجهہ ملي ويو، جنهن جي هن خواهش ڪئي هئي. هن جي حق ۾ مضمون ۽ پمفليٽ ڇپيا. هي اهڙو معاملو هو جو ان جي ترديد ئي سندس مشهوريءَ جو ڪارڻ بڻي پئي. هن جا خيال ايڏا تہ ڇرڪائيندڙ هئا، هن جو بيان ڪرڻ ئي ايڏو انوکو هو جو ڪيترائي ماڻهو ان انوکي ليکڪ سان ملڻ لاءِ ڏانهس آيا. هن جي گهر آڏو گهوڙي گاڏين جون قطارون لڳي ويون. هن وٽ ايڏو ٽائيم نہ هو جو سڀني سان ملي سگهي. انعام مان ملندڙ پئسن هن جي مالي حالت سڌاري. لالچي سس لاءِ سونو هار بہ اچي ويو. ٽريزيءَ کي ڪجهہ نہ ٿي ڪپيو. هوءَ تہ ان تي خوش هئي جو هن جو روسو هاڻ مشهور ماڻهو بنجي ويو آهي.

☆☆☆

جيوت جي ڊگهن سالن ۾ ڪو بہ هڪ پل ڪنهن وڏي تبديليءَ جو

سبب بنجي وڃي ٿو. اهو روسو سان ٿيو. ديدرو سان ملڻ لاءِ جيل ڏانهن ويندڙ روڊ تي گهاريل چند پلن نہ فقط هن جي جيون کي بدلائي ڇڏيو، پر هو لکڻ پڙهڻ ڏانهن پڻ مائل ٿيو، پر هن جي فڪري انداز جديد يورپ کي اهڙو عقيدو ڏنو، جيڪو ڪيترين دلين ۽ ذهنن کي متاثر ڪندڙ هو. هن کي اهو نظريو هٿ آيو تہ تهذيب انسانن کي اخلاقي ۽ روحاني اعتبار کان بدحال ڪري ڇڏيو آهي. اهو هڪ بنيادي نقطو هو، جنهن تي ڪيس لاڳيتو ڪم ڪرڻو هو. روسو جي بيان ڪيل سوالن مان اهو صاف ظاهر هو تہ جيڪڏهن علم تهذيب ۽ تمدن اخلاقي زوال جو ڪارڻ هئا تہ ڇا ان کان بچڻ لاءِ فطرت جي هنج ۾ پناهہ وٺڻ گهرجي؟ هي سوال پاڻ روسو کي پريشان ڪري رهيو هو. اعتراض ڪندڙن جي سوالن جا جواب ڏيندي هو ٽڪجي پيو هو. هن چاهيو ٿي تہ پنهنجي زندگيءَ کي پنهنجي نظريي مطابق گهاري ان سوال جو جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪري. هن نوڪري ڇڏي ڏني. گذاري لاءِ موسيقيءَ جي ڏنن جي نقل ناهڻ لڳو. اهو هڪ سادو ڪم هو ۽ فطرت جي ويجهو بہ هو. هن پنهنجي واڇ اهو چئي وڪٽي ڇڏي تہ جڏهن فطرت انسان کي ڏينهن رات جو فرق ٻڌائي ٿي تہ واڇ رکڻ جي بہ ڪا ضرورت ناهي. اهڙيءَ طرح هن وٽ جيڪي پراڻي زماني جون شيون هيون، هن انهن کان ائين چئي جان ڇڏائي. پنهنجي انهن حرڪتن ڪري روسو سڄي ملڪ ۾ ڇڻ هڪ عجوبو بنجي ويو. هو ارڙهين صديءَ جي فرانس ۾ ڪيترين صديون اڳ جو ماڻهو لڳڻ لڳو. هو طرز حيات جي انهيءَ نمونن مان عام ماڻهن کي قائل ۽ متاثر ڪري سگهيو ٿي، پر دانشور طبقو دليل گهرندو هو. هن جا مخالف مضمون لکي رهيا هئا. هن کي انهن جو جواب ڏيڻو هو. سوالن جوابن جو اهو سلسلو باقاعده جنگ جو روپ اختيار ڪري ويو.اها جنگ هن جي تربيت گاه هئي. ڪيس ٻين جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ پنهنجي ڳالهہ چوڻ جو طريقو هٿ اچي ويو هو. غور ۽ فڪر جي هن کي عادت پئجي وئي ۽ هو باقاعده فلسفي ٿي ويو. هن، ان مرحلي ۾ هوشياريءَ سان ان جنگ تان ماڻهن جو ڌيان هٽالڻ لاءِ هڪ ڊرامو لکيو. هن لکيو تہ علم هر عام ۽ خاص لاءِ ناهي، پر انهن ماڻهن لاءِ آهي، جيڪي پلائيءَ لاءِ ڪوشان آهن. ٻين لفظن ۾ هن اهو چوڻ چاهيو پئي تہ هو پاڻ بہ ذهين ماڻهن جي صف ۾ شامل آهي. هاڻ هو ڪليءَ طرح امير طبقي کان بدلو وٺي رهيو هو.

☆☆☆

هن جي لکڻين ۾ اها ڪوڙاڻ صاف ظاهر هئي، جيڪا ڪيس حالتن کان ملي هئي. هن جي قسمت عروج تي هئي. ايا هن جي ڊرامي جي گونج ڇانيل هئي ته هن هڪ ننڍڙو اوپيرا ڪمپوز ڪيو. هي اوپيرا ماڻهن ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو. ايستائين جو فرانس جي بادشاهه ڪيس دربار ۾ گهرايو. شاهي سپاهي اهو پيغام ڪٽي هن جي گهر پهتا ته هو وائڙو ٿي ويو. هئي ڏينهن هو گهر مان نڪتو ۽ دربار ۾ وڃڻ بدران روپوش ٿي ويو. هن سمجهيو ته شايد بادشاهه هن کي سزا ڏيندو. هن سڪ رائج الوقت تي ٽوڪ ڪئي هئي. ان لاءِ ڊڄي ويو هو، پر ان جي ابتڙ ٿيو. هن جي غيرحاضريءَ ۾ بادشاهه انعام جو اعلان ڪيو. ان حوصلہ افزائيءَ هن جو حوصلو وڌايو. هاڻي هو تاڙ ۾ هو ته هن کي موقعو ملي ۽ هو ان نظام تي حملو ڪري. هن کي ايڏي مشهوري ملي وئي هئي جو هو مخالفن جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهيو ٿي.

هو تاڙ ۾ هو ۽ 1753ع ۾ هن کي اهو موقعو ملي ويو. "ويزون" اڪيڊميءَ پاران مقالي لکڻ لاءِ هڪ ٻئي انعام جو اعلان ڪيو ويو. هن دفعي "انساني لاهين چاڙهن جا سبب ۽ ان جا نتيجا" جو موضوع ڏنو ويو هو. هي موضوع ان حملي لاءِ بيحد مناسب هو. هو سوچڻ لڳو ته "قدرت پاڻ هن جي مدد ڪري رهي آهي. اهڙا موقعا ڪيس ملي رهيا آهن، جن ۾ هو پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي." هن مقالو لکڻ جو ارادو ڪيو ۽ خيال گڏ ڪرڻ لڳو. هي پيرس جي شهري زندگيءَ کان ٻاهر نڪري آيو. آباديءَ کان پري جهنگ ۾ هن قديم زمانو ڳوليو. تخيل جي رٿ تي سوار ٿي،هن هر دور ۾ بدلجندڙ انسان جي مختلف روپن جو مشاهدو ڪيو. وقت جي اتهاس جو پيچو ڪيو. اهي سبب ڳولهيا جن انساني فطرت کي چڪريو هو. انهيءَ گيان جي نتيجي ۾ هو ان نتيجي تي پهتو ته قديم انسان اخلاقي لحاظ کان نه خراب هئا نه سٺا هئا. جڏهن انسان خانداني زندگي اختيار ڪئي ته ملڪيت جو تصور پيدا ٿيو. اهو هڪ سونهري دور هو. ان لاءِ سونهري هو جو انسان، حيوان کان مٿانهون هو، پر ايا تهذيب جي آلودگيءَ کان پري هو. ان کان ذاتي ملڪيت جو تصور پختو ٿيو ته غلامي ۽ هٿ جي تنگيءَ ۾ واڌارو آيو. خودغرضيءَ ۾ واڌارو ٿيو. تيئن انقلاب جي صورت ۾ رياست وجود ۾ آئي ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو. مٿين، هيٺين کي قابوءَ ۾ رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي.

بظاهر هڪ نظام وجود ۾ آيو، پر ان جو بنياد ظلم ۽ بالادستيءَ تي هو. هو ان گيان مان موٽيو تہ ڪيس لڳو تہ ڇڻ هو غارن مان نڪري پيرس جي جرڪندڙ روڊن تي بيٺو هجي. ڪيفي ۾ ويٺل ماڻهن کي ڏٺائين تہ انهن تي ڪلڻ لڳو. هي سڀ هڪبئي کي دوکي ڏئي رهيا آهن. هر زبردست، پنهنجي متان واري کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اهي سڀ ان نظام جو حصو آهن، جنهن جو بنياد خودغرضيءَ تي آهي. هو گهر پهتو تہ ٽريزي هن جو پرجوش آڏرياءُ ڪيو. "هيءَ عورت ان لاءِ منهنجو آڏرياءُ ڪري رهي آهي جو مان هن مان خوش ٿيان" هن سوچيو. "مون هن کي گهر ۾ رکيو آهي. هوءَ منهنجي ڪر اچي ٿي. اسان ٻئي ان نظام جو حصو آهيون، جنهن جو بنياد خودغرضيءَ تي آهي. اسان مان ڪير بہ هڪ ٻئي سان سچو ناهي."

☆☆☆

هو انهن خيالن کي قلم بند ڪرڻ ويٺو. ٽريزيءَ جي ماءُ هڪ دفعو ٻيهر خوش هئي. هاڻ هو ٻيهر اهڙو ڪو ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڳري رقم ملندي. هن بهاني سان پنهنجي فرمائش پوري ڪرائيندي. روسو کي ان ڪان اڳ بہ انعام مليو هو. هن جو حد کان وڌيل اعتبار هن کي پرجوش ڪري رهيو هو. هن کي پنهنجي مخالفن جي پرواهہ نہ هئي. هو فقط سچائي لکي رهيو هو. اها سچائي، جيڪا هن تجربي جي آڌار تي حاصل ڪئي هئي. هو قديم زماني جي انسان سان مخاطب هو. سماجي نظام جي زخمن جو آپريشن ڪري رهيو هو. هن جو مقالو اڪيڊميءَ جو ججن آڏو پهتو. ٻرندڙ ٽاندن ڪري انهن جا هٿ سڙڻ لڳا. هن پنهنجو مؤقف اهڙو تہ جوش سان پيش ڪيو هو جو ججن جي ڪنن ۾ انقلاب زنده باد جا نعرا ٻُرڻ لڳا. انهيءَ مقالي کي انعام ڏيڻ ڪري متان انهن تي ڪا مصيبت اچي، اهو سوچي ججن ملي ڪري فيصلو ڪيو ۽ هن کي انعام کان محروم ڪيو ويو. هن جي زال کي اها خبر نہ هئي تہ هن کي انعام ڇو ملي ٿو، ڇو نٿو ملي. نٿو ملي تہ فرق نہ ٿو پوي. پر هن جي ماءُ کي خبر پئي تہ روسو هن دفعي انعام کان محروم ٿي ويو آهي تہ هن جي زبان قينچيءَ وانگر هلڻ لڳي. هوءَ پنهنجي ڄائي جي نااهليءَ تي ڪيترا ڏينهن ناراض هئي. اهو افسوس بہ هوس تہ هن جي فرمائش پوري نہ ٿي. روسو انهيءَ حق تلفيءَ تي ناراض نہ هو. هن جي خيال ۾ "ويزون" اڪيڊميءَ صوبائي درجي جي هڪ اڪيڊمي هئي. جنهن ڪري اهو مقالو ضرورت کان وڌيڪ جرئت

وارو هو، ان لاءِ کيس رد ڪيو ويو هو. هو رشتن جي ٽوڙ ڦوڙ کان بيزار هو. خودغرضين جي هجوم ۾ وکوڙيل اڪيلو انسان هو.

☆☆☆

پيرس جي زندگي هن کي وٽندي ضرور هئي، پر هن جي دل ٻئي ڪنهن جاءِ تي هئي. هاڻ هو رول نہ پر معزز شهري هو. پر هن جي دل جنيوا ڏانهن ڇڪجندي هئي، جتي هو ڄائو هو. پيرس جا آزاد خيال دانشور هن جي ذهني دنيا ۾ انقلاب آڻي رهيا هئا. خاص ڪري مذهب بابت دانشورن جا خيال هن جي اندر ۾ مانڌاڻ مچائي رهيا هئا. هو پاڻ مذهبي ذهن رکندڙ هو. پيرس جي علمي حلقن ۾ انگلستان جي اثر هيٺ اهي خيال عام ٿي رهيا هئا تہ باري تعاليٰ جي هستيءَ جو اظهار فطري عقل ذريعي ٿئي ٿو. خالق ۽ مخلوق وچ ۾ رابطي لاءِ ٻيو ڪو وسيلو ضروري ناهي. جديد سائنس ان تحريڪ جي واڌ ويجهہ ۾ مدد ڪري رهي هئي. هن، انهن آوازن کان پري ڀڄي وڃڻ چاهيو پئي. هو ان کان ڊنل هو ۽ درٻاري سياست کان پري خوشامد ۽ چاپلوسيءَ کان پري ڪنهن پرسڪون جاءِ جو خواهشمند هو. هو فرار جي ڪيترن چور رستن کان واقف هو.

1754ع ۾ گرميءَ جي مند ۾ هو ٽريزيءَ سان گڏ جنيوا هليو آيو. رستي ۾ "سواءِ" مان لنگهيو تہ هن کي پنهنجي پراڻي محبت زي وارين ياد آئي. ان ٻهڪندڙ مک جو ديدار ڪيان تہ ٻوءِ وجان. هو سواءِ ۾ رڪيو. هي اهو شهر هو، جتي گهر کان پهريون دفعو ڀڄي آيو هو ۽ پادرين جي چرچ ۾ رهيو هو. اتان ئي هن پنهنجي اباڻي فرقي کي ڇڏيو هو ۽ اتان ئي هو مادام زي وارين سان مليو هو. اهو سڀ سوچي هن جا نيڻ آلا ٿي ويا. هن جيان مادام بہ ڊوڙندي رهندي هئي. پنهنجا عاشق بدلائيندي ڪيترن ٻين شهرن ۾ پهتي هئي. روسو هر جاءِ ساڻس ملندو رهيو. ائين چئجي تہ هر دفعي هوءَ سندس سامهون ايندي رهي.

روسو کي هاڻ خبر پئي تہ هوءَ پنهنجي پراڻي ٺڪاڻي سواءِ ۾ موٽي آئي هئي ۽ غربت واري زندگي گهاري رهي هئي. غربت جي باري ۾ روسو فقط اندازو نہ لڳايو هو. هن ڏٺو بہ هو تہ غربت ڇا ٿيندي آهي. هو جڏهن مادام جي در تي پهتو تہ مادام ڪيس وٺڻ آئي. غربت جي اڏوهي هن جي سونهن چٽي وئي هئي. فقط چوونجاهہ سالن جي عمر ۾ هن جو منهن گهنجن سان ڀريل هو. هن جا ڪپڙا پراڻا هئا. ڇا اها مادام زي وارين هئي، جنهن ڪڏهن مون کي پادريءَ وٽ موڪليو هو؟ هن جو گهر

هن جي چاهينڊڙن سان پريل هوندو هو. نوڪر هوندا هئا، مادام قيمتي پوشاڪ پائيندي هئي. ڇا سيني ڪانئس اڪيون ڦيري ڇڏيون؟ پنهنجي سماج جي بي رحميءَ جو ثبوت هن آڏو هو. هن کي تجزئي جي سچائيءَ تي ويساهه اچي ويو. تهذيب جي ترقي انسان کي ڪيڏو فراموش ڪيو آهي.

مادام شرمندگي ۽ حيرانيءَ مان ڪڏهن روسو کي ۽ ڪڏهن ٽريزي کي ڏسي رهي هئي. هن، ان کان اڳ ٽريزيءَ کي روسو سان گڏ نه ڏٺو هو، ان لاءِ هوءَ حيران هئي.

"هيءَ ٽريزي منهنجي زال آهي."

"اِچا! تو شادي ڪري ڇڏي. مونکي ٻڌايو به نه. هاڻي به بنا ٻڌائڻ جي هليو آيو آهين. هي ڇوڪري پهريون ڀيرو مون وٽ آئي آهي. مان هن جي ڪا خدمت نه ٿي ڪري سگهان. هن وقت هيءَ عام مندي منهنجي آگر ۾ آهي."

مادام مندي آگر مان لاهي ٽريزيءَ کي پارائي. ٽريزيءَ هن جو هٿ چميو ۽ مندي ٻيهر مادام جي آگر ۾ پارائي ڇڏي. ٽريزيءَ جا لڙڪ مادام جي خلوص کي چمي رهيا هئا.

"مادام توهان اسان سان جنيوا هلو. ٽريزي توهانجو خيال رکندي. هيءَ ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي." روسو چيو.

"مان هتي ٺيڪ آهيان، توهان سان هلي ڇا ڪنديس."

"مان به ته توهان وٽ رهندو هوس. هاڻ توهان مون سان نه ٿا رهي سگهو."

"پيارا روسو! هاڻ مونکي ڪنهن تي اعتبار ڪونهي. اڪيلائي منهنجي ساهيڙي آهي. ڪيس ڪيئن اڪيلو ڇڏيان."

روسو ۽ ٽريزي ڪيس زور ڀريندا رهيا. تڏهن به هوءَ هنن سان نه وئي. صاف ظاهر هو ته ڪيترا ڪيترا ڏينهن هو لنگهڻ ڪاٽيندي هئي. روسو ڪيس ڪجهه پئسا ڏنا ۽ هن جي گهران نڪري آيو.

☆☆☆

جنيوا پهچڻ جي خوشي هن کي بي قرار ڪري رهي هئي. مادام جي چوڻ تي به هي نه رکيو ۽ جنيوا پهتو، جتي اجا به هن جا مائٽ رهندا هئا. پنهنجي اباڻي وطن ۾ پهچي هو خوش هو، پر ڪيس جڏهن خبر پئي ته هو هتي رهي نه ٿو سگهي ته پريشان ٿي ويو. پروٽسٽنٽ فرقي کي ڇڏي ڪيٿولڪ عقيدو قبولڻ ڪري، هو جنيوا جي شهري حقن کان محروم ٿي ويو هو. ڪليسائي پادري جي اچڻ جو ٻڌي حرڪت ۾ اچي ويا هئا. روسو ان حملي کان بچڻ لاءِ تيار هو. هو سمجهندو هو ته لاڳيتو بائبل پڙهڻ

ڪري ۽ غور فڪر جي عادت جي ڪري هو مذهب جو اصل مطلب سمجهي ويو هو. جيڪي ماڻهو مسيح کي نہ تا سمجهن، انهن مسيح جي ڪلام بابت عجيب و غريب ڳالهيون گهڙي اهي فرقا ٺاهي ورتا هئا. ان لاءِ هڪ فرقي کي ڇڏي ٻيو قبولڻ سان ايمان تي ڪو فرق نہ ٿو پوي. هن ڪليسا جي پادريءَ آڏو وري پرٽسٽنٽ عقيدو قبوليو.

"مان پروٽسٽنٽ مذهب ۾ پيدا ٿيو هوس. اڳتي بہ انهيءَ عقيدي تي هلندو رهندس. ان تي هلندي خدا کان پناهہ گهرندس."

اهڙيءَ طرح هن کي ان شهر جي شهريت ٻيهر ملي وئي. هاڻي هن کي هتي رهڻ کان ڪير بہ روڪي نہ ٿي سگهيو. هن هتي رهڻ جو پڪو ارادو ڪيو. شهريت حاصل ڪرڻ ۾ ڪيس ڪجهہ مهينا لڳي ويا. هاڻي ڪيس ٻيهر پيرس وڃڻو هو. جيئن پنهنجو سامان کڻي اچي سگهي. هينئر تہ هو فقط جائزو وٺڻ آيو هو. پيرس ۾ ٽريزي جا ماءُ پيءُ بہ هئا. انهن کي بہ وٺي اچڻو هو.

☆☆☆

جڏهن پروشيا جو شهزادو، فريڊرڪ بادشاهہ ۽ فريڊرڪ اعظم ٿيو تہ هن پنهنجي دوست ۽ فرانس جي مشهور فلسفي والٽيئر کي پنهنجي درٻار ۾ گهرايو. والٽيئر جڏهن بادشاهہ وٽ ويو تہ بادشاهہ اڳتي وڌي سندس آڏرياءُ ڪيو. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن درٻاريءَ جو اهڙو آڏرياءُ نہ ٿيو هو. بادشاهہ هن کي هٿ کان وٺي تخت تائين وٺي ويو ۽ پنهنجي پاسي ۾ ويهاريائين. هو حاضر جواب ۽ تيز دماغ هو. درٻار ۾ سيني تي ڇانئجي ويندو هو. سندس ذهانت جي آڏو ڪنهن جو ڏيئو نہ ٻرندو هو، جنهن ڪري حاسدن هٿ وڌائي هن جي مٿي تي سجيل عزت جي تاج کي هڪ هڪ ڪري لاهي ورتو. ايستائين جو هنن بادشاهہ کي سندس خلاف ڀڙڪائي ڇڏيو. هاڻي والٽيئر جون شرارتون بہ بادشاهہ کي گستاخيون لڳڻ لڳيون. والٽيئر بہ هوا جو رخ سڃاڻي ورتو. ان کان اڳ جو باهہ جو ڀنيڻ ٻري، هو شاهي درٻار مان نڪري آيو.

هو هوائن سان ڪيڏندو پهرين فرينڪ فرٽ ۽ پوءِ سوئٽزرلينڊ پهچي ويو ۽ 12 ڊسمبر 1754ع ۾ جنيوا پهتو. هن جي اچڻ کان فقط ٻہ مهينا اڳ روسو پيرس ويو هو.تہ جيئن ضروري بندوبست وغيره ڪري، لاڳيتو رهڻ لاءِ جنيوا اچي.

جنيوا ۾ اچڻ کان پهرين والٽيئر خوش هو تہ جنيوا جي مشهور شهري روسو سان ملي سگهندو. ڪوتہ هوندو، جيڪو هن جو قدر ڪندو.

شايد ٻہ بادشاهہ هڪ بادشاهت ۾ نہ تا رهي سگهن. والٽيئر هڪ در کان آيو ۽ روسو ٻئي در کان نڪري ويو. والٽيئر پنهنجين لکڻين، چالاکين ۽ ڄاڻ سڄاڻ ڪري ڪوڙ پئسا گڏ ڪري ورتا هئا. هو شاهاڻي زندگي گهارڻ چاهيندو هو. جنيوا پهچي هن هڪ سهڻي تلاءُ ويجهو عاليشان گهر ورتو. هو جتي ٻہ رهندو هو، تماشاين ۽ پرين جو هجوم گڏ ڪري وٺندو هو. امير ماڻهو ڪنهن درٻار جيان هن جي حويليءَ ۾ ايندا هئا. شهرين لاءِ هن جي حيثيت ۽ هن جو عاليشان گهر ڪنهن جادونگريءَ کان گهٽ نہ هو. شهرين جون دليون هن لاءِ ڌڙڪڻ لڳيون. روسو ٻہ انهن خبرن کان بيخبر نہ هو. هو پيرس ان ڪري آيو هو تہ جيئن پنهنجو سڀ ڪجهہ ڪٽي جنيوا وڃي، پر والٽيئر هن جو ارادو مٽرائي ڇڏيو. والٽيئر جي هوندي جنيوا ۾ رهڻ هن لاءِ مشڪل هو. هن جي سلطنت تي ٻيو ڪير قبضو ڪري ويٺو هو.

مسڪين طبيعت ۽ غريب روسو هن کان پري رهڻ ۾ ئي ڇڳائي سمجهي. ان حالت کي ڏسندي روسو اهو بهتر سمجهيو تہ والٽيئر سان ملڻ کانپوءِ هن سان دوستي ڪري.

☆☆☆

هن جو ٻيو مقالو ڇپيو. هن، ان مقالي جو نسخو والٽيئر کي موڪليو. روسو سمجهيو تہ والٽيئر ڪيس داد ڏيندو، ساراهيندو. پر والٽيئر ڪيس جواب ڏنو تہ "انساني نسل خلاف توهان جو نئون ڪتاب مون کي ملي ويو آهي. مان ان لاءِ توراٿتو آهيان. اسان سيني کي بيوقوف بنائڻ لاءِ توهان جهڙي ڪنهن ٻئي عقل کان ڪم ناهي ورتو. هي ڪتاب پڙهي هٿين پيرين هلڻ لاءِ دل چئي ٿي. پر ڇا ڪيان جو سٺ سالن کان وڌ وقت وهامڻ کانپوءِ اهو وساري ويٺو آهيان. هاڻ ان کي ٻيهر ورجائڻ ۾ ناڪامي ٿئي ٿي." والٽيئر جو خط پڙهندي روسو جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. والٽيئر هن جي ڪتاب تي چٽر ڪئي هئي. دوستيءَ جي پردي ۾ دشمني ڪئي هئي! والٽيئر عمر ۾ هن کان سورنهن سال وڏو هو. مشهوريءَ ۾ هن کان وڌ هو. هن ڳالهہ وڌائڻ مناسب نہ سمجهي. هن خط جي جواب ۾ منافقت واري دوستيءَ وارو رويو رکيو. هن والٽيئر جي وڏائيءَ کي مڃيو." مونکي ان عزت ۽ وقار جو احساس آهي، جيڪو هن (والٽيئر) انهيءَ شهر (جنيوا) کي پنهنجو هئڻ جي ڪري عطا ڪيو آهي. هن جي رهڻ ۽ اچڻ ڪري جنيوا جا شهري توراٿتا آهن ۽ هو پاڻ ٻہ ان جذبي ۾ شريڪ آهي." پرتگال جي شهر لزبن ۾ مذهبي ڏڻ

ملهايو پئي ويو. شهر جا گرجا گهر عبادت ڪندڙن سان سٿيل هئا. ڏرتيءَ پاسو ورايو ۽ جايون لڏڻ لڳيون. زلزلي جي جهٽڪن قيامت آڻي ڇڏي. نہ ڪا عبادت نہ ڪا دعا ڪم آئي. منيءَ جي ڍير هيٺان اٽڪل ٽيهہ هزار ماڻهو دٻجي مري ويا. انساني تباهہ ڪارين جو اهو داستان سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو. والٽيئر ٻڌو تہ هن رڙيون ڪيون هي ڪهڙو خدا آهي، جيڪو بي نيازيءَ سان مخلوق کي چيپاٽي ماري ٿو. اها هيبتناڪ تباهڪاري ڏسي ماڻهن جي دلين ۾ خدا بابت شڪ پيدا ٿيڻ لڳو. والٽيئر جي دل ۾ اهو وسوسو پيدا ٿيڻ لڳو هو تہ هن سڄي ڪائنات پٽيان ڪا منظم طاقت نہ هئي ۽ هن خدائي انصاف جو تصور ئي رد ڪري ڇڏيو. انهيءَ حادثي کي اڃا هفتو مس ٿيو هو. سندس ڪاوڙ عروج تي هئي. هو نظم لکڻ ويٺو. اڃا ڪاوڙ نہ گهٽي هئي. جيڪو ڪيس دل ۾ آيو، لکندو ويو. نظم ۾ هن اهو مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو ٺيڪ ٿي رهيو آهي. هن ڪليسائي دانشورن کي للڪاريو تہ ڇا هو ٻڌائيندا تہ جيڪڏهن خدا هن دنيا کي بهتر بڻايو آهي تہ پوءِ انسانن تي ظلم ۽ ستم جا پهاڙ ڇو ٽا ڪرن. هزارين معصوم انسان خدا جي عبادت ڪندي پل ۾ ڇو ٽا مريو وڃن. جيڪڏهن خدا سپر پاور آهي تہ پوءِ دنيا ۾ ايڏي بدامني ۽ ظلم ڇو آهي.

روسو ان نظر جي شديد مخالفت ڪئي. هن جو چوڻ هو تہ هي نظم منافقت جو شاهڪار آهي. والٽيئر پاڻ تہ زندگيءَ جي نعمتن ۽ آسائشن مان مزو ماڻي رهيو آهي ۽ ٻين کي بيهودگي، بي معنايت ۽ مايوسيءَ جو درس ڏيئي رهيو آهي. والٽيئر ايڏو ڪاوڙيل هو جو انهيءَ تبصري جو جواب ڏي ها تہ مخالفت جا شعلا ڀڙڪي پون ها. هن درگذر کان ڪم ورتو. ٻنهي ۾ جهيڙو رڪجي ويو ۽ منافقت واري دوستيءَ جو ڀرم قائم رهجي ويو.

☆☆☆

انهن ڏينهن ۾ پيرس ۾ انسائيڪلوپيڊيا ڇپجڻ جو ڪم شروع ٿي ويو هو. ان جو مقصد فرانس ۾ روشن خياليءَ کي وڌائڻ هو. ڊينس ديدرو ان منصوبي جو انچارج هو. زان آلمبير ان جو ٻانهن ٻيلي هو. اهي ٻئي روسو جا دوست هئا. هنن روسو کي انسائيڪلوپيڊيا لاءِ مقالو لکڻ جي دعوت ڏني. روسو جي خيال ۾ هيءَ انسائيڪلوپيڊيا اڏوهي ڪاڏل جاگيرداريءَ خلاف انقلاب آڻيندو. ان لاءِ لکڻ لاءِ راضي ٿي ويو. ان ميلاپ سان سماجي طور تي روسو کي فائدو ٿيو جو پيرس جا وڏا خاندان روسو جي

ويجهو اچي ويا.

روسو هاڻي ڊنگ جي زندگي گهاري رهيو هو. سماجي لحاظ کان بہ قابل احترام بنجي ويو هو. مالي اعتبار کان بہ پاڻ ڀرو ٿي ويو هو. ٽريزيءَ جي پيءُ کي محتاجن جي اداري ۾ اماڻي چڪو هو. باقي هن جي لالچي سس اجا بہ هن سان گڏ هئي. هن جون فرمائشون ڏينهون ڏينهن وڌنديون پئي ويون. ايپني خاندان پيرس جي دولتمند گهراڻن مان هڪ هو. مادام ايپني جي حويلي "مونٽ مورنسي" جي وادي ۾ هئي. پري پري تائين وڻن سان ڍڪيل هيءَ وادي ڪنهن سندر سپني کان گهٽ نہ هئي. هو ڪيترا پيرا مادام سان ان جي ساراهہ ڪري چڪو هو. دل ۾ سوچيندو هو تہ رهڻ جو مزو تہ ان وادي ۾ آهي. هڪ ڏينهن هو مادام سان ملڻ ويو. ايپني خاندان جا ٻيا فرد بہ اتي ويٺل هئا. هو ان مهل شهري ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ بابت سوچي رهيو هو.

"توهان جنهن جوش سان ڳوٺاڻي زندگيءَ بابت قصيدا پڙهي رهيا آهيو، ان مان لڳي ٿو تہ پيرس ۾ توهان مجبورن رهيا پيا آهيو. گوڙ، مٽي، دونهون ۽ آلودگيءَ سان ڀريل انهيءَ شهر ۾."

"مان سچ بہ مجبوريءَ ڪري اتي رهيو پيو آهيان."

"توهانکي ڪنهن ڳوٺ ۾ هئڻ گهرجي."

"توهان سچ چيو. فطرت جي ويجهو رهڻ منهنجي خواهش آهي."

"توهان چاهيو تہ منهنجي "مونٽ مورنسي" واري وادي ۾ رهي سگهو ٿا."

"ڇا سچ پچ!"

"بلڪل توهان جڏهن چاهيو اتي رهي سگهو ٿا."

روسو انهيءَ ڳالهہ مان ايترو خوش ٿيو جو مادام کي مهرباني چوڻ بہ وسري ويس. انهيءَ وقت گهر وڃي ٽريزيءَ کي اها خوشخبري ٻڌايائين ۽ سامان کڻي ايپني خاندان جي جاگير ۾ پهچي ويو.

هو مجبور هو. ٽريزيءَ جي ماءُ کي بہ گڏ وٺي وڃڻو پيو هوس. هو ان لالچي عورت جي طبيعت کان خوش نہ هو. پر اها گهر سنڀالڻ ۾ ڏاڍي هوشيار هئي. هو ان لاءِ ڪيس رکڻ تي مجبور هو. مونٽ مورنسي جي دلڪش ۽ سونهن سان واسيل وادي ۾ پهچندي ئي هو هوائن سان ملي گيت جهونگارڻ لڳو. هو ۽ ٽريزي... سڄو ڏينهن وادي ۾ گهمندي ڦرندي ٿڪجي ڪري وڻن جي ڇانوَ ۾ ساهي پٽيندا هئا. ڳوٺاڻي زندگي هن جو خواب هو ۽ اهو خواب هاڻ پورو ٿيو هو. هتان جي خاموشي ۽ اڪيلائي هن

کي لکڻ لاءِ اتساهي رهي هئي. سڄو ڏينهن گهمڻ ڦرڻ کانپوءِ جڏهن هو لکڻ لاءِ ويهندو هو تہ لفظ هن آڏو هٿ ٻڌيو بيٺا هوندا هئا. هن کيترا ڪتاب لکڻ جا خاڪا پڻ تيار ڪيا. کيترا نظريا پنهنجي نوٽ بڪ ۾ لکيا. انهن تي ڪيس هڪ هڪ ڪري ڪم ڪرڻو هو. هن پنهنجين لکڻين سان روشن خياليءَ جا گل پکيڙڻ چاهيان پئي ۽ وقت هن جي مدد ڪري رهيو هو. هو بي فڪريءَ جي هندوري ۾ لڏي رهيو هو. هڪ ڇوڪري سندس جيون ۾ آئي، ان جو نالو سوفي هو ۽ اها مادام ايپني جي نٽان هئي. دلڪش واديءَ جا پٿر بہ قدرت جي سونهن جو شاهڪار هئا. هن انهيءَ ڇوڪريءَ کي ڏٺو تہ ڏسندو ئي رهجي ويو. هو دل وارو هو. فطرت جو ديوانو هو. سوفيءَ جي سادگيءَ کيس ڪنهن ملهہ ڪانسواءِ خريد ڪري ورتو. سوفي بہ هن جي جرڪندڙ نيٽن کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نہ سگهي. سوفيءَ کي سٺيون ڳالهيون ڪرڻ وارو ملي ويو هو. هاڻي هي ٽريزيءَ کي ڇڏي سوفيءَ سان گڏ گهمندو هو. ٽريزيءَ کي پرواهہ نہ هئي، پر هن جي ماءُ جي تجربيڪار اکين بدلجندڙ حالت کي محسوس ڪري ورتو. هن ٽريزيءَ کي بہ پڙڪايو. جڏهن ان مان ڪجهہ نہ وريو، تہ هن روسو جي دوست ديدرو آڏو دانهيو. ڳالهہ مادام ايپني تائين پهتي. هوءَ وڏي خاندان مان هئي. اهو ڪيئن برداشت ڪري ها تہ هن جي نٽان جو چڪر روسو سان هلي ۽ بدنامي هن جي حويليءَ تائين پهچي. فرانس جي طبقاتي نظام ۾ اهو افيئر وڏي ذلت وارو ٿئي هئا. مادام ايپني بهتر اهو سمجهيو تہ سوفيءَ سان ڳالهائجي، ان کانپوءِ ڪو قدم ڪڍجي.

"سوفي مونکي تو کان ڪجهہ پڇڻو آهي."

"مادام پڇڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، توهان جيڪي چاهيو پڇو."

"ڪجهہ خبرون مليون آهن تہ روسو سان تنهنجو لاڳاپو وڌيو آهي."

"لاڳاپي مان توهانجو ڪهڙو مطلب آهي تہ مان هن کي ڪجهہ وقت ڏيئي رهي آهيان تہ اهو صحيح آهي."

"ڳالهہ فقط وقت ڏيڻ جي ناهي. ماڻهو ان کي ٻيو ڪجهہ چئي رهيا آهن."

"توهان هن کي رهڻ لاءِ پنهنجي حويلي ڏني آهي. ڇا ان کي بہ ڪا معنيٰ آهي."

"منهنجي ڳالهہ ٻي آهي. مان شادي شده آهيان.اسانجي نظام ۾ ڪنوارين ڇوڪرين تي سختي آهي. مون تہ سرپرستي ڪري ڪيس حويليءَ ۾ رهڻ ڏنو آهي."

"روسو ان کي توهانجي محبت سمجهي ته..."

"تون ڇا ٿي چوڻ چاهين؟"

"اهڙي سرپرستي مان به ڪيان پئي. ان مان هو ڪو غلط مطلب ڪڍي ٿو ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه!"

"تون احتياط ڪري سگهين ٿي. هن کي ڪنهن غلط فهميءَ ۾ نه پوڻ ڏي."

"مان ڪوشش ڪنديس ته هن کان جان ڇڏايان."

روسوءَ جي سس به ان جي تاڙ ۾ هئي. مادام اپيني هن کي چيو ته سوفيءَ سان ڳالهائي. ان پوڙهيءَ سوفيءَ سان اهڙي انداز ۾ ڳالهايو جو هن کي پنهنجي بيعزتي محسوس ٿيڻ لڳي.

"هاڻي اهڙا اهڙا ماڻهو به مون سان منهنجي افيئر بابت ڳالهائيندا."

انهن ڏينهن ۾ هن جو مگيندو سيان لامبريت اچي ويو. هڪ ٻئي پٽيان اهڙا واقعا ٿيا جو سوفي روسوءَ کان پري ٿيندي وئي. وٽن سان ڊڪيل وادیءَ ۾ جنم وٺندڙ محبت فقط چار مهينا هلي سگهي. سوفي هن کان اکيون ڦيري ڇڏيون. روسو جي دل تي آرا هلڻ لڳا. هو سوفيءَ کي بي قصور سمجهندو هو. هن کي پنهنجي دوست ديدرو ۽ مادام تي ڪاوڙ هو. هن جي خيال ۾ هنن سازش ڪري سوفيءَ کي هن کان پري ڪيو آهي. هڪ ڏينهن هو پنهنجي محسن مادام اپيني سان وڙهي پيو. هن به ڪيس ڏاڍي ٻڌائي.

"جيڪي حالتون پيدا ٿيون آهن، ان مان ثابت ٿئي ٿو ته توهانجو گهر جلد کان جلد خالي ڪريان."

روسو سمجهيو پئي ته اها ڏمڪي ڏيڻ سان مادام ڪيس رڪجڻ لاءِ چوندي، پر مادام ڪيس ابتو جواب ڏنو، "تنهنجي مرضي اها آهي ته ٻيو ڪير ڇا ٿو ڪري سگهي."

"مان هڪ هفتو به رهي نه ٿو سگهان."

"سياڻيءَ بدران اڄ ئي هليو وڃ."

ايڏي بيعزتيءَ کانپوءِ هو ان گهر ۾ رهي نه ٿي سگهيو. پر انهيءَ واديءَ کي ڇڏي وڃي به نه ٿي سگهيو. هن، انهيءَ واديءَ ۾ هڪ گهر ورتو ۽ رهڻ لڳو. هن گهر ڇڏيو هو. سوفيءَ جو خيال دل مان نه ڪڍيو هو. هوءَ هن سان محبت ڪري يا نه، پر هو هن جي محبت ۾ غرق هو. هن سيني انهن کان بدلو وٺڻ چاهيو پئي، جن سازش ڪري سوفيءَ کي هن کان پري ڪيو هو. مادام تي هو ڪاوڙ لاهي چڪو هو. پنهنجي پر ۾ هن جو گهر ڇڏي بيعزتيءَ جو بدلو ورتو هئائين، پر ديدرو ۽ ان جو ٻانهن ٻيلي آلمبير ٻچيل هئا. اهي

ٻئي هن جا دوست هئا، پر هاڻي هو هنن کي پنهنجو دشمن سمجهندو هو. انهن کي ذليل ڪرڻ جي تاڙ ۾ هو. انهيءَ ڪاوڙ ۾ آلمبير جو هڪ مقالو هن جي هٿ اچي ويو. ان مقالي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڳالهيون اهڙيون هيون، جيڪي والٽيئر جي چوڻ تي لکيون ويون هيون. اهي ٻه ڳالهيون روسو کي نه وڻيون. عام حالتن ۾ اهي ڳالهايون روسو نظرانداز ڪري ها، پر هاڻي تاڙ ۾ هو. هن آلمبير جي مقالي تي تنقيدي مضمون لکيو. انهيءَ مضمون ۾ هن ثابت ڪيو ته اهي سڀ خيال حقيقت ۾ والٽيئر جا آهن. هي مقالو جنيوا شهر تي لکيل هو. انهيءَ ۾ ظاهري طرح پادرين جي تعريف هئي، پر حقيقتن انهن مٿان چٽرون ڪيل هيون. ان مقالي ۾ پروٽيسٽنٽ پادرين جي تعريف هئي ته هو ملحد هئا ۽ بائبل ۽ دوزخ تي ايمان نه ٿا رکن. روسو پنهنجي مضمون ۾ پادرين جو ڏيان ان طرف ڇڪايو. ان سان گڏ روسو، والٽيئر جو خط به ڇاپيو. ان ۾ اهڙيون سخت ۽ اگهاڙيون گاريون هيون، جيڪي والٽيئر جي ملحد ۽ ڪافر ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي هيون. زلزلي تي لکيل والٽيئر جو نظم به غور ڪرڻ جهڙو هو، جو اهي ڳالهيون سامهون اچي ويون.

شهر جي پادرين جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ والٽيئر کي ملحد ۽ ڪافر چيو ويو. جنيوا جي ڪليسائن ۾ هن خلاف واعظ ٿيڻ لڳا. والٽيئر پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪيترا بهانا گهڙيا، پر هن جو آواز ڪليسا ۾ دفن ٿي ويو. روسو وٽ اها خبر پهچڻ ۾ دير نه ٿي ته والٽيئر پنهنجو گهر وڪڻي ڇڏيو هو. پادرين هن کي جنيوا ڇڏڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. هاڻي والٽيئر سئٽزرلينڊ جي سرحد ويجهو فرانس جي علائقي خاغني ۾ وڃي رهيو هو.

روسو هڪ تير سان گهڻا شڪار ڪري چڪو هو. پر اڃا به ڪيس سڪون نه هو. سوفيءَ جو خيال هن جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل هو. هن سان گهاريل پل هڪ هڪ ڪري سامهون ايندا رهيا. دوستن کان ڪاوڙيل هو. سوفي هن کان ڪاوڙجي وئي هئي. رکي رکي پيرس ياد ايندو هوس. وادي ڇڏڻ تي هن جي دل نه ٿي چاهيو، هو وڃي ته ڪيڏانهن وڃي! گل، ٽانڊا، دوست، دشمن بنجي ويا هئس. هو ڪيترا ڏينهن سير لاءِ به نه ويو. هڪ ڏينهن هو ٽريزيءَ کي ساڻ ڪري واديءَ ۾ لٿو ته لهندو ئي ويو. ٽريزي خوش هئي. ڪيترن ڏينهن بعد روسو هن کي ساڻ ڪري سير لاءِ نڪتو هو. روسو ڏاڍو اداس هو.

"توهان ايڏا چپ ڇو آهيو؟ ڪوڙ ڏينهن ڪانپوءِ پاڻ گهمڻ نڪتا آهيون."

"مان گهمڻ نه پر ماضيءَ جو شڪار ڪرڻ آيو آهيان. يادن جا ڪڙڪهيتا پنهنجي مٿ ۾ بند ڪرڻ آيو آهيان. ستارا قيد ڪرڻ، سڳنڌ چورائڻ آيو آهيان."

هو پنهنجي ڏن ۾ چوندو رهيو. پلا ٽريزي انهن ڳالهين کي ڪٿي ٿي سمجهي سگهي. هوءَ اکيون ڦاڙي روسو ڏانهن نهاري رهي هئي. هن کي اهو شڪ هو ته روسو چريو ٿي ويو هو. هو سڄو ڏينهن انهيءَ جهنگ ۾ رلندو رهندو هو ۽ شام جو گهر موٽي ايندو هو. ان ڏينهن ڪانپوءِ هن جي اها عادت بڻجي وئي. ڪاغذ ۽ قلم هن سان ساڻ هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ ايندڙ خيال نوٽ ڪندو هو. ٽريزي خاموشيءَ سان هن سان گڏ هلندي رهندي هئي. منجهند جو اچڻ ڪانپوءِ هو رنگين رين ۾ ٻڌل ڪاغذ ڪوليندو هو. هن جون اهي سرگرميون مشڪوڪ لڳي رهيون هيون. ٽريزي ڪجهه سمجهڻ کان قاصر هئي. هوءَ انهيءَ فڪر ۾ غلطان هئي ته ڇا هن جو مڙس واديءَ جا وڻ ڳڻڻ ۾ پورو هو؟ جي ائين آهي ته پوءِ هن جي صحت جو الله واهي! هڪ ڏينهن هن اعلان ڪري اهو جادو ٽوڙيو ته هو هڪ ناول لکڻ ۾ پورو آهي.

ٽريزي وڏو ساهه کنيو. اها ڪا نئين ڳالهه نه هئي. روسو تي اڪثر اهڙا دورا پوندا رهندا هئا. هاڻ هن کي اهو فڪر هو ته نه ڄاڻ روسو ڪانئس ڪيترو وقت بي نياز رهندو. جڏهن هو لکندو هو ته هن کان صفا لاپرواهه ٿي ويندو هو. هو ان ناول کي پنهنجي ۽ سوفيءَ جي رومانس جي پسمنظر ۾ لکي رهيو هو. ان جو مقصد سچي عاشق جو عڪس چٽڻ هو. ناول جي هيروئن زولي نيڪ عادتن واري ناري پنهنجي دل آڏو عقل جي ڳالهه نه ٿي ٻڌي. پنهنجو سڀ ڪجهه پنهنجي محبوب تي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر زوليءَ جي خاندان کي اهو قبول ناهي ته هنن جي نياڻي هڪ معمولي خاندان جي نوجوان سان پرڻائي وڃي. زوليءَ کي ٻنهي مان هڪ چونڊڻو هو. يا هوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ جي دل ڏکائڻ جي ناداني ڪري يا پنهنجي محبوب کان جدا ٿئي. زولي ٻي ڳالهه قبولي. هن جي شادي ماءُ پيءُ جي مرضيءَ سان ٻئي ماڻهوءَ سان ٿي وئي. اهي واقعا هئا، جيڪي هن تي گذريا هئا. زوليءَ جي پٽيان هن جي محبوب سوفي هئي. هن جي دل جو مانيٽو پڻ هڪ هڪ لفظ مان ليکا پائي رهيو هو. فطري منظرن جي تصويرڪشي روسو جي مزاج جو خاص انداز هو. هي ناول محبت تي ٻڌل هو. ان محبت کي

پرڪشش بنائڻ لاءِ هن ڪجهه غير ضروري ڳالهيون ۽ ڪردار به شامل ڪيا. روسو ان ناول جو نالو "نويل ايلواز" رکيو ۽ 1760ع ۾ ڇپيو.

اهو ناول ڇپجندي ئي فرانس ۾ ڏوم مچي وئي. جذباتي طوفان اڀري آيو. خاص ڪري عورتون انهيءَ ناول لاءِ چريون هيون. انهيءَ ليکڪ تي مري رهيون هيون. انهن مان ڪنهن کي هن جو اوبر ٽيل پاٽي به ملي ها ته پنهنجي خوشقسمتيءَ تي ناز ڪري ها. رڙيون ڪري ٻين کي ٻڌائي ها ته هن روسو جو اوبر ٽيل پاٽي پيتو آهي. انهيءَ ناول جي مشهوريءَ جا ڪيترا قصا مشهور ٿيا. مشهور ٿيو ته نچڻ ۽ ڳائڻ وارين محفلن ۾ ويندڙ عورتن کان وٺي مهذب خاندانن جون عورتون به انهيءَ ناول ۾ گم ٿي ويندیون آهن. آڏي رات تائين اهو ناول پڙهن ٿيون. جڏهن کين ٻڌائجي ٿو ته هنن کي وٺڻ لاءِ تانگو آيو آهي ته جواب ۾ وات مان هڪ اکر به نٿو اڪلين. جرمنيءَ جو عظيم فلسفي ڪانٽ وقت جو ايڏو پابند هو جو جڏهن گهر مان نڪرندو هو ته هن کي ڏسي ماڻهو پنهنجو واچون ٺيڪ ڪندا هئا. اهو سلسلو سالن کان جاري هو، پر هڪ ڏينهن ڪانٽ مقرر ڪيل وقت تي گهر مان ڪونه نڪتو. ان ڏينهن هو روسو جو ناول پڙهي رهيو هو. ناول جي ڇپجڻ ۽ مشهور ٿيڻ ڪانپوءِ روسو جي شهرت ۽ خوشحاليءَ جا ڏينهن هن جي در تي قطار ٻڌيو بيٺا هئا. هن جي صحت ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي هئي. سٺي علاڪتي ۾ رهندي به هن جي تڪليف ۾ واڌارو ٿي رهيو هو. عشق ۾ ناڪامي، دوستن سان جهيڙا ۽ جسماني تڪليف هن جا ڏينهن رات درد وارا ڪري ڇڏيا هئا. ان هوندي به هو ڪتابن تي ڪم ڪري رهيو هو. هن جڏهن "ويزن" اڪيڊمي لاءِ پنهنجو مقالو لکيو ته ڪجهه سوال هن جي ذهن ۾ هئا. هن لکڻ لاءِ ته مقالو لکي ڇڏيو هو ته ماڻهن پنهنجي آزاديءَ جي حفاظت لاءِ سماجي نظام کي قبولي ورتو آهي. هن آڏو اهو هڪ معاهدو هو، جنهن جو بنياد ظلم ۽ بالادستيءَ تي هو. پر سماجي مان ڇا مراد آهي؟ اهو ڪيئن هجڻ گهرجي؟ ان سوال جو جواب ڇا هو. هاڻي وقت اچي ويو هو ته هو ان سوال جو جواب ڏي.

هن پنهنجا خيال قلمبند ڪيا. هي ڪتاب "عمراني معاهدو" جي نالي سان ڇپيو ۽ پنهنجي ليکڪ جو نالو تا قيامت زنده ڪري ڇڏيو. هن لکيو." فطري لحاظ کان هڪ انسان کي ٻئي انسان تي حڪومت ڪرڻ جو ڪو حق ناهي. جائز حڪومت جو

بنياد وعدا ڪرڻ نہ پر انصاف مهيا ڪرڻ هو ۽ اها حڪومت پنهنجي ماڻهن سان هڪ معاهدي ۾ ٻڌل آهي، جنهن جو نالو عمراني معاهدي يا سماجي معاهدو آهي. ان معاهدي تحت ان حڪومت کي ماڻهن لاءِ ڪم ڪرڻو هو. جيڪا حڪومت ان عمراني معاهدي جي پوئواري نہ ٿي ڪري تنهن کي ماڻهن مٿان حڪومت ڪرڻ جو ڪو حق نہ هو."

روسو آزاديءَ کي دنيا جي اهم شيءِ سمجهندو هو ۽ چوندو هو تہ آزادي انسان کي قدرت طرفان تحفي طور ملي آهي ۽ انسانن کي قدرت کي قانوني يا ڪنوڻ بہ جائز طريقي سان ان کان محروم ڪري نہ ٿو سگهجي. عمراني معاهدي جي آخر ۾ هن "مذهب" تي بحث ڪيو هو. هن آڏو اهڙا مذهب ناپسنديده هئا، جيڪي پاڻ وڙهن ٿا. سچائي هڪ ئي آهي. اعتراض اهو ناهي تہ مذهب گهڻا آهن، اعتراض تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن اهي نفرت ۽ تعصب پکيڙين ٿا. اها عجيب ڳالهہ هئي. مسيحي زندگي گهاريندڙ روسو عمراني معاهدي ۾ مسيحت کي رد ڪري الزام لڳائي ٿو. ان مذهب جا بنيادي اصول ظالمن ۽ جابرن لاءِ ايڏا فائدي وارا آهن. هو انهن مان فائدو وٺن ٿا.

هن انساني آزاديءَ جو پرچار ڪيو ۽ ٻڌايو تہ قدرت انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي ۽ هو ان کي آزاد ڏسڻ گهري ٿي. پر غاصب حڪمرانن ۽ انساني دشمنن سماجي نظام جي پيرن ۾ ٻيڙيون وجهي انهن کي غلام بڻايو آهي.

عمراني معاهدي جي ڇپجڻ، فرانس جي شهرين ۾ نئون جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ڇڏيو. اهي ذهن پيدا ڪيا، جيڪي اڳتي هلي فرانس جي انقلاب آڻڻ جو ذريعو بنيا. اهو ڪتاب ڇپجڻ شرط ڪيترائي بحث شروع ٿي ويا. هن جا حامي ۽ مخالف ميدان ۾ آيا. هڪ پاسي انتها پسند انهيءَ ڪتاب کي فردن جي آزاديءَ جو منشور چئي رهيا هئا تہ ٻئي پاسي انتها پسندس ان کي شهرين جي حقن کان محروم ڪرڻ واري آمريت جو دستور چئي رهيا هئا. فرانس کانسواءِ يورپ جي ٻين پاسن ۾ بہ اهو ڪتاب بحث جو سبب بڻيو هو.

روسو انهن بحث مباحثن کان بي نياز ٿيو ڪتاب "ايميل" لکڻ لڳو. ان ڪتاب ۾ هن کي پنهنجو تعليمي نظام پيش ڪرڻو هو. اهو ڪتاب هن جي پهرئين مقالي جو پوراءُ هو جيڪو هن ويزن اڪيڊمي لاءِ لکيو هو ۽ کيس انعام بہ مليو هو. ان مقالي ۾ هن دعويٰ ڪيو هو تہ انسان ۽ شيون پنهنجي اصلي حالت ۾ سٺيون هيون پر

تهذيب ۽ تمدن جي تقاضن انهن کي بگاڙيو آهي. هاڻي هن دنيا کي ٻڌائڻ ضروري هو ته هو تهذيب کي خراب ڪندڙ عمل کي ڪيئن گهٽ ڪري سگهجي ٿو. تعليم بابت ڪتاب لکي هن اهو فرض ادا ڪيو. هن جو زمانو اميد پرستيءَ جو زمانو هو. هر ڪو اهو سوال پڇي رهيو هو ته بهتر مستقبل لاءِ ڇا ڪري سگهجي ٿو. ان صورتحال ۾ تعليم جي اهميت وڌي وئي. تعليم بابت روسو جي غور ۽ فڪر جا نتيجا "ايميل" جي صورت ۾ سامهون هئا. روسو کان اڳ ارڙهين صديءَ جا مفڪر جڏهن فرانس ۽ يورپ جي ٻين حصن ۾ تعليم جا چرچا ڪندا هئا ته بحث جو مرڪز امير طبقي جا نوجوان هوندا هئا. روسو پهريون دفعو تعليم کي اهڙو عمل چيو، جيڪو امير ۽ غريب طبقي ٻنهي لاءِ ساڳيو هجي. هن جي انهن خيالن مان ماڻهن اهو نتيجو ڪڍيو ته اهڙي اهليت فقط امير ماڻهن جي ٻارن ۾ نه پر سڀني انسانن ۾ آهي ۽ سڀ ماڻهو ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. هن ڪتاب ۾ اها به دعويٰ ڪئي وئي ته فلسفي ۽ تعليم جا ماهر ننڍپڻ کي سمجهڻ کان قاصر آهن. ٻارن جي هڪ خاص ذهنيت ٿئي ٿي ۽ تعليم جي شعبي ۾ پهريون ڪم انهن جي ذهنيت کي سمجهڻ آهي. روسو ان حوالي سان پهريون مفڪر هو، جنهن پڙهائڻ جي عمل کي سائنسي انداز ۾ ٻارن جي ذهني واڌ سان ڳنڍي ڇڏيو.

هن ڪتاب جو بنيادي موضوع مذهب بابت نه هو، پر هن ڪتاب جو هڪ حصو مذهب بابت به لکيو. هن سچائيءَ سان مذهب تي بحث ڪيو. ان هوندي به احتسابي ادارن کي هن جي اها ادا پسند نه آئي. ان زماني ۾ ڪليسا جي ادارن جي هڪ هٿي هئي. اهي ادارا هر انهيءَ لکڻيءَ کي ناپسند ڪندا هئا، جنهن ۾ ڪو نئون خيال پيش ڪيو ويندو هو يا ماڻهن سان انصاف ڪرڻ لاءِ معاشي اصلاح بابت چيو ويندو هو. پيرس ۾ روز اهڙا ڪتاب ساڙيا ويندا هئا. روسو به انهيءَ جو نشانو بڻيو. اڃا ڪتاب شايع ٿئي ڪجهه ڏينهن ٿيا هئا جو پيرس جي پارليامينٽ ڪتاب کي ساڙي ڇڏڻ ۽ ليکڪ کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

8 جون 1762ع جو ڏينهن هن ٻنهي زال ۽ مڙس وانگر خوشگوار گهاريو. سڄو ڏينهن پنهنجن دوستن کان پنهنجين لکڻين بابت تعريف ٻڌي خوش ٿيندو رهيو. ٽريزي هن جي دوستن جي خدمت ڪندي رهندي هئي. رات ٿيندي ئي هو پڙهڻ ويٺو. هو رات جي آخري وقت ۾ بائبل پڙهندو هو. جڏهن ننڊ نيٽن ۾ واهيرو ڪندي هيس

تہ ڏيئو وسائي سمهي رهندو هو. پر اڄ ننڊ هن کان رسي وئي هئي. هو پڙهندو رهيو. ننڊ اچا بہ هن کان رٺل هئي. هن بائبل کي سيراندي رکيو ۽ رٺل ننڊ کي پرچائڻ لاءِ زوريءَ اکيون بند کيون. هو دل ۾ بائبل جون سٽون ورجائيندو رهيو. ڪڏهن کيس لڳو تہ هو سمهي رهيو آهي ۽ ڏاڏلا خواب ڏسي رهيو آهي. ڪڏهن کيس لڳو تي تہ هو جاڳيل آهي. انهيءَ جاڳ ۽ ننڊ واري حالت ۾ هن ڏٺو تہ روشني تي وئي آهي. هن سوچيو تہ آسمان تان نور لهي هن جي سيراندي کان بيٺو آهي. ڪير کيس سڏي رهيو هو. هن اکيون کوليون. هڪ ماڻهو ڪمري ۾ بيٺو هو. ٽريزي هن پٽيان ڪنهن ڏنل هرٽيءَ جيان بيٺي هئي.

"ڪير آهين تون؟ هن مهل منهنجي ڪمري ۾ ڇا ڪري رهيو آهين."

"گهبراءِ نہ، مونکي مادام دي لڪسمبرگ هڪ خاص نياپو ڏيئي موڪليو آهي."

مادام هن جي دوستن مان هئي. هن جو نالو ٻڌي هو ٻيهر هنڌ تي ويهي رهيو.

"هن وقت نياپي جو ڇا مطلب. سڀ ٺيڪ تہ آهي."

"مان اڪيلائيءَ ۾ ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيان ٿو." هن ٽريزيءَ ڏانهن ڏسي چيو.

روسو، ٽريزيءَ کي ٻاهر موڪليو. ڪمري ۾ مانار ڇانيل هئي. پريان ٽريزيءَ جي ماءُ جو آواز آيو پئي، جيڪا پڻ ڏنل هئي ۽ ٽريزيءَ کان ان بابت پڇي رهي هئي.

"توهانکي خطرو آهي." هن چوڻ شروع ڪيو. "پيرس جي پارليامينٽ توهانجي ڪتاب "ايميل" کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو ۽ توهانکي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي."

"پر ڇو؟ مان سنسرشپ واري اداري کان ان ڪتاب جي ڇپجڻ جي اجازت ورتي هئي!

"ان هوندي بہ اهو حڪم ڏنو ويو آهي. مادام کي ان فيصلي جي اڳواٽ خبر پئي آهي. صبح تائين ان تي عمل ڪيو ويندو. تي سگهي ٿو تہ اڄ رات ئي توهانکي گرفتار ڪيو وڃي. مادام نياپو موڪليو آهي تہ توهان گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ ڪٿي لڪي وڃو."

روسو گهبرائجي واچ ڏٺي. ان وقت رات جا ٻہ ٿي رهيا هئا. هو صبح جو انتظار ڪري نہ ٿي سگهيو. هو چاٽندو هو تہ هتي فيصلن تي عمل ڪيڏو تڪڙو ٿئي ٿو. تي سگهي ٿو تہ مونکي سج ڏسڻ نصيب نہ ٿئي. هن نياپي آٽيندر کي روانو ڪيو. ٽريزيءَ کي اتي ڇڏيو ۽ اوندهہ هڪ پاسي

هلندو رهيو.

☆☆☆

چوڏنهن جون تي هو " برن" جي علائقي ۾ پهچي ويو. هن جو خيال هو ته پنهنجي اباڻي وطن جنيوا ۾ پناهه وٺندو. اڃا هن جو ٽڪ به نه لٿو هو جنيوا مان خبر پهتي ته اتي به انهيءَ ڪتاب سان ساڳيو حال ڪيو ويو آهي. ايميل ۽ عمراني معاهدي کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو هو ۽ هن جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو ويو هو. هاڻي اتي وڃڻ موت کي دعوت ڏيڻ جي برابر هو. هن کي برن ۾ ترسڻو پيو. هن جو خيال هو ته اتي ڪٿي لڪي ويندو. ڌرتي هن تي تنگ ٿي وئي هئي. حڪمرانن هن کي

"برن" مان نڪري وڃڻ لاءِ چيو. هن کي هڪ دفعو ٻيهر پڇڻو پيو ۽ پروشيا جي رياست "نيوشيٽل" پهچي ويو.

اها رياست فريڊرڪ اعظم جي هٿ هيٺ هئي. هو اهو بادشاهه هو، جنهن جي مخالفت ڪري هن جو هڪ همعصر فلسفي واليٽيئر پناهه جي ڳولها ۾ هو. اڄ قسمت ڪيس انهيءَ بادشاهه جي در تي وٺي آئي هئي. نيوشيٽل پهچندي ئي روسو کي پنهنجو نظم ياد اچي ويو، جيڪو هن فريڊرڪ اعظم خلاف لکيو هو، جنهن ۾ هن لکيو هو ته فريڊرڪ، فلسفين جيان سوچي ٿو ۽ بادشاهن جيان عمل ڪري ٿو. پنهنجي ڪتاب "ايميل" ۾ به هن فريڊرڪ جو علامتي ذڪر ڪيو هو، جيڪو منفي هو. ان وقت هن کي ڪهڙي خبر ته ڪيس انهيءَ بادشاهه جي

علائقي ۾ پناهه وٺڻي پوندي. هو سوچڻ لڳو ته هاڻي ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي. فريڊرڪ به هن جي خيالن کان غافل نه هوندو. هو هن جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏيڻ ۾ دير نه ڪندو. پهرين هن سوچيو ته هتان هليو وڃي. پوءِ ڪجهه سوچي لکڻ ويٺو. هن هڪ خط علائقي جي گورنر ڏانهن لکيو، جنهن ۾ پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏنو ۽ رهڻ جي اجازت گهري. ٻيو خط فريڊرڪ اعظم ڏانهن لکيو. "مان توهانجي خلاف گهڻو ڪجهه چوندو رهيو آهيان ۽ شايد اڳتي به چوندو رهندس پوءِ به فرانس، جنيوا ۽ برن جا در بند ٿيڻ ڪري توهانجي سلطنت ۾ پناهه گهرڻ آيو آهيان. سائين! مان توهان پاران ڪنهن عنايت جو اميدوار ناهيان ۽ نه ئي ڪنهن مهرباني‌ء جو. بس مون پنهنجو فرض سمجهيو ته توهانکي اطلاع ڏيان. مان توهان جي قبضي ۾ آهيان. توهان جيڪو چاهيو، مون سان سلوڪ ڪري سگهو ٿا."

هن جي اها سچائي ڪيس ڪم اچي وئي. بادشاهه فريڊرڪ هن کي ۽ هن جي لکڻين کي پسند نه ڪندو

هو، پر هن هدايت ڪئي تہ روسو کي نہ فقط رهڻ ڏنو وڃي، پر هن کي ضرورت مطابق گهربل شيون بہ مهيا ڪري ڏنيون وڃن. روسو خط لکي پنهنجي قسمت جو انتظار ڪري رهيو هو. علائقي جي گورنر ڪيس گهرايو. هن کي پڪ هئي تہ فيصلو هن جي حق ۾ ٿيو آهي نہ تہ ڪيس گهرايو نہ وڃي ها، بلڪ ڪيس گرفتار ڪيو وڃي ها. گورنر هن کي احترام سان ويهاريو ۽ بادشاهہ جو حڪم پڙهي ٻڌايو، جنهن ۾ ڪيس اجازت ڏني وئي هئي تہ هو جيسين چاهي، رياست ۾ رهي سگهي ٿو.

"توهان چاهيو تہ مان بادشاهہ جي هدايت مطابق زندگيءَ جون ڪجهہ آسائشون ڏيئي سگهان ٿو. توهان پنهنجين ضرورتن بابت مونکي ٻڌايو. مان بادشاهہ کي ٻڌائيندس."

" سائين! مون وٽ ٻہ ٽي سال جيئري رهڻ جا وسائل آهن. مان توهان جي بادشاهہ جي ڪا خدمت نہ ٿو ڪريان، ان لاءِ بک مرندس تہ بہ مانيءَ جو هڪ گرهہ ڪائڻ ڪان گاهہ ڪائڻ قبولينداس."

☆☆☆

هن پنهنجي ڪتاب "ايميل" جي گهڻو مشهوري ماڻڻ کانپوءِ ڪوڙ ساري دولت ڪمائي هئي، پر هن جي لالچي سس هن جو ڪيسو خالي ڪري ڇڏيو هو. مونٽ مورنسي جو خرچ بہ گهٽ نہ هو. ڪيترائي مهينا هو هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ ڏانهن دوڙندو رهيو هو. روسو هاڻي غريب ٿي چڪو هو، پر پوءِ بہ هن جي خودداري اهو گوارا نہ ڪيو تہ هو فريڊرڪ اعظم جي امداد قبولي. نيوشيٽل ۾ هن لاءِ حالتون سٺيون نہ هيون. پوءِ بہ هن لاءِ جنيوا وڃڻ ممڪن نہ هو. شهر جي حاڪمن جي سلوڪ هن جي دل ٽوڙي ڇڏي هئي. هن پنهنجي محبوب شهر جي شهريت تياڳي ڇڏي. هن ٽريزيءَ کي پاڻ وٽ گهرايو تہ ٽريزي شوق مان نيوشيٽل هلي آئي. روسو کان وڇڙي هن کي گهڻي ڏينهن ٿي ويا هئا. جڏهن هن سان ملي تہ لڙڪن جو درياءُ وهائي ڇڏيائين. روسو کي هن جي اها سادگي ماري وجهندي هئي. روسو کي پڪ هئي تہ غريب هوندي بہ هن جي دل لڳي ويندي. هن جي ٽريزي هن سان گڏ آهي ۽ ٻيو ڪيس ڇا ڪپي. سچ بہ هن جي دل لڳي وئي. پر ٽريزي اڪيلائيءَ کان بيزاري ٿي وئي. هوءَ پنهنجي ڪاوڙ روسو تي لاهيندي هئي. هنن جي گهريلو زندگي ڪڏهن بہ اهڙي تلخ نہ ٿي هئي، جيئن هاڻي ٿي هئي.

"مان هتي اچي گونگي ٿي وئي آهيان. نہ مان ڪنهن جي ڳالهہ سمجهان ٿي نہ ڪو منهنجي زبان سمجهي ٿو. ماڻهو عجيب نظرن سان

مون ڏانهن ڏسن ٿا."

"تون هاڻي کان ئي بيزار ڇو ٿي وئي آهين. ڪجهه ڏينهن ۾ هتان جي ٻولي سکي ونجانءِ."

"ڇا مطلب؟ هن جهنم ۾ اسانکي هميشه رهڻو آهي!"

"جنهن شهر مونکي پناهه ڏني، تون ان کي جهنم چئي رهي آهين!"

"پناهه اسانکي ٻيو ڪٿي به ملي ٿي سگهي."

"تورو صبر ڪر جيئن ڪا ٻي جاءِ ملي، توکي وٺي هلندس."

اهڙا جهيڙا روز ٿيندا هئا. روسو هن کي دلاسا ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس سير لاءِ به وٺي ويندو هو، جيئن هن جي دل وندريل رهي. ٽريزي هاڻ هن مان بيزار ٿي رهي هئي.

شهر جي ماڻهن کي الائي ڪيئن خبر پئجي وئي ته ٽريزي هن جي نڪاح ٻڌي زال ڪانهي ۽ هو نڪاح کان سواءِ هڪ ٻئي سان رهن پيا. اها ڪا عام خبر نه هئي. هاڻي ته ڀرپاسي وارا ماڻهو به منهن ڦيري ڇڏيندا هئا. هنن ٻنهي کي گڏ ڏسي ماڻهو اشارا ڪري نفرت مان زمين تي ٿوڪي ڇڏيندا هئا. هاڻي ٽريزي سان گڏ روسو به بيزار هو، پر ايا هتان نڪرڻ جي همت نه پئي ڪري سگهيو. بيزاريءَ هوندي به ڪجهه ڏينهن هت رهڻ تي مجبور هو. ان وچ ۾ هڪ واقعي ڪيس ڇرڪائي وڌي. هڪ ڏينهن هو پنهنجي ڪمري ۾ پڙهي رهيو هو ته ٽريزي ڊوڙندي آئي.

"ڪجهه ماڻهو اسانجي گهر آڏو گڏ ٿيا آهن. ڪجهه ماڻهن جي هٿن ۾ پٿر آهن. ڪجهه پٿر دريءَ مان ڪمري ۾ آيا آهن. مان دريءَ کان پاسيري ويٺي هيس نه ته زخمي هجان ها."

"توکي وهم ٿيو هوندو. وڃ وڃي سمهي پئو."

"ڇا اهو به وهم آهي ته ڪمري ۾ ايا به پٿر پيا آهن."

روسو هن سان گڏ ٻئي ڪمري ۾ ويو. ڪجهه پٿر واقعي به فرش تي پيا هئا. هن دريءَ مان ٻاهر نهاريو.

"هتي ته ڪير به ڪونهي." روسو سوچيو.

"تون ڇا تو سمجهين؟ اهي هتي بيٺل هوندا؟! پٿر ڦٽا ڪري ڀڄي ويا. هو ته اسانکي ڊيڄارڻ آيا هئا."

"هنن کي شايد خبر نه آهي، مان ڊڄڻ وارو نه آهيان." روسو چوڻ لاءِ چئي ڇڏيو ته هو ڊڄڻ وارو ناهي، پر هو ڊڄي ويو هو. هن ڪنهن کي پٿر سٽيندي ڪونه ڏٺو هو. اهو به ته ٿي سگهي ٿو ته ٽريزي هن کي ڊيڄارڻ لاءِ اها ڪهاڻي گهڙي هجي، جيئن هو ڊڄي وڃي ۽ هن کي وٺي نيو شيٽل مان نڪري وڃي. جيڪڏهن واقعي سندس اها ترڪيب هئي ته

نهايت ڪامياب هئي. روسو حقيقت تائين پهچڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. هن کي پڪ هئي تہ نيوشيتل جا ماڻهو هن کي نقصان پهچائڻ ٿا چاهين.

☆☆☆

هو ٽريزيءَ کي ساڻ ڪري هڪ خوبصورت جزيري تي پهچي ويو. هي جزيرو فطرت کي ايترو تہ ويجهو هو جو روسو ڪجهہ ڏينهن ۾ اهو خيال ڪرڻ لڳو تہ هو جانورن وارو جيون گهاري رهيو هو. جزيري تي هر طرف نباتاب وڪريل هئي. هزارين قسم جون جڙي ٻوٽيون ڏسندو هو. هتي هڪ عورت "مادام بوفلرز" سان مليو، جيڪا نباتات جي ديواني هئي ۽ ٻوٽن بابت ڪوجنا لاءِ جزيري تي آئي هئي. هو سڄو ڏينهن ٻوٽن پٽيان هوندا هئا ۽ شام جو ويهي ٻوٽن بابت ڳالهائيندا هئا.

اجا جزيري تي آئي هن کي ڪجهہ ڏينهن ٿيا هئا جو "مادام بو فلرز" جي واتان ڪيس مشهور انگريز فلسفي ڊيوڊ هيوم جو نياپو مليو. ڊيوڊ هيوم هن کي پريشانين مان ڪڍڻ لاءِ انگلستان اچڻ جي دعوت ڏني هئي. اها خبر هن لاءِ مينهن جي اس ۾ اندلڪ جيان هئي، پر هن ان پيشڪش تي غور ڪرڻ پئي چاهيو. هن ڊيوڊ هيوم کي ٽورائتو خط لکيو ۽ ڪجهہ ڏينهن جي موڪل گهري.

اجا هو ڪنهن نتيجي تي ڪونہ پهتو هو. ڊسمبر 1765ع ۾ هن کي پيرس اچڻ جي موڪل ڏني وئي. پيرس جي ياد ڪيس ايڏو بيخود ڪيو جو هو هيوم جي آڇ وساري ويٺو. پيرس پهچڻ کانپوءِ هن جو رابطو هلندو رهيو ۽ ڊيوڊ هيوم هن کي انگسلتان جي سونهري زندگيءَ بابت لکندو رهيو. انهن خطن مان ڪيس خبر پئي تہ انگريزن جي ملڪن ۾ سيني ماڻهن کي آزادي حاصل هئي. جنهن کي جيڪي وٺي، اهو ڪري ٿو. ماڻهو ٻين جي عقيدن ۾ دخل نہ ٿا ڏين. اختلاف هوندي بہ هڪ ٻئي جون ڳچيون نٿا ڪپين، پر احترام ڪندا آهن. انهن خطن مان اهو اندازو بہ ٿيو تہ اتي لڪڻ ۽ ڳالهائڻ جي آزادي حاصل هئي.

هو جڏهن پيرس جي روڊن تان لنگهندو هو تہ هن کي پنهنجي ڪتاب سڙڻ جو واقعو ياد ايندو هو. قدم قدم تي پنهنجي لکيل پنن جي رک نظر ايندي هئي. هي نامراد شهر ڪنهن جي محنت جو صلو نہ ٿو ڏئي. هتي انهن ماڻهن منهنجي ڪتاب بابت آواز اٿاريو، جيڪي منهنجا ڪتاب پڙهڻ جي اهليت نہ رکندا هئا. اڄ مون کي پيرس ۾ رهڻ جو موڪل ڏني وئي آهي، سيان وري ڪڍي بہ سگهن ٿا.

هن سوچي فيصلو ڪيو تہ هن ڪي ڊيوڊ هيم جي آڇ قبولڻ گهرجي. هيوم جي ڪري اوچي طبقي تائين پهچ حاصل ڪري ٻيهر زندگي مزي سان گهاريندو. هن پيرس کي ان وقت الوداع چيو، جڏهن سڄو يورپ روسو جي لاءِ چريو ٿي رهيو هو. هن جي مشهوريءَ آڏو والٽيئر جو نالو بہ ڏنڌلو ٿي ويو هو. اها مشهوري هن سالن ڪانپوءِ حاصل ڪئي هئي.

1766ع جي پهرئين هفتي ۾ ٻئي زال ۽ مڙس فرانس کان روانا ٿيا ۽ ٻارنهن ڪلاڪن جي سامونڊي سفر ڪانپوءِ انگلستان پهتا. 13 جنوريءَ تي ٻئي لنڊن پهتا. روسو پهريون ڀيرو لنڊن آيو هو. شهر جي ماڻهن سندس آڏرياءُ ڪيو. شايد اها خبر اڳ ئي پهچي وئي هئي تہ يورپ جو عظيم فلسفي لنڊن اچي رهيو هو. هيوم ڪيس پنهنجي هڪ دوست جي گهر ترسايو. مداحن جو هجوم، جلوس جي شڪل ۾ هن کي ان جاءِ تائين وٺي آيو. ڊيوڊ هوم شهرين جو ٿورائتو هو، جن سندس مهمان کي ايڏي عزت ڏني هئي.

هي گهر روسو جي شان وٽان هو. هو صفا سادي زندگي گهارڻ جو عادي هو. انهيءَ گهر ۾ پيل سامان انگريزن جي اعليٰ ذوق جي نشاني هو. روسو ان کي مجبوريءَ طور قبوليو. اڃا هڪ ڏينهن بہ نہ گذريو هو جو ان جي عظمت جا نعرا گونجڻ لڳا. بادشاهہ جارج ٽئين هن کي پناهہ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. هيوم خوشيءَ مان نہ ٿي ماپيو. هن پري رهندڙ دوستن کي خط لکيا ۽ روسو اچڻ بابت لکيو.

"مان روسو سان محبت ڪيان ٿو. هو بہ مون بابت اهڙا احساس رکي ٿو. مون زندگيءَ ۾ اهڙو نرم مزاج، شائستہ ۽ پرجوش ماڻهو اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي. ڏسڻ ۾ دوست نظر ايندو آهي. مونکي اهڙي انسان سان ملڻ جو شرف ڪڏهن حاصل ناهي ٿيو، جيڪو سڀي دوستي رکڻ لائقي هجي."

هن هڪ ٻيو خط لکيو. "ماڻهو چوندا هئا تہ جهيڙي ڪانسواءِ تون هڪ ڏينهن رهي نہ سگهندين، پر مان سمجهان ٿو تہ سڄي زندگي مان هن سان گڏ دوستي ۽ احترام وارو رشتو رکي سگهان ٿو. اسان آڏو اسانجي خلوص جو بنياد اهو آهي. اسان مان ڪير بہ جهڳڙالو ناهي."

حڪومت جا اعليٰ عهديدار هن سان ملڻ پنهنجي خوش نصيبي سمجهندا هئا. مشهور سياستدار "برڪ" تہ هن جو اهڙو مداح بنجي ويو جو بنا ڪنهن وقفي جي هن سان ملڻ ايندو هو. امير، رئيس سڀ هن کي هٿوهٽ ڪٽي هلندا هئا. آزاد خيال ۽ روشن دماغن جي شهر جا در هن تي

ڪليل هئا. ڪجهه ڏينهن انهن روشنين ۾ پنهنجو پاڇو ڏسندو رهيو. پوءِ عادت مطابق بيزار ٿي ويو. هو ڪلم ڪلا ڇوندو رهيو تہ هي شهر بہ اجائي لٻاڙ، وقت جي بربادي ۾ يورپ جي ٻين شهرن کان گهٽ نہ آهي.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ٽريزي هن سان ملي وئي. هن جي ايندي ئي روسو جي زندگيءَ ۾ ڪجهه نواڻ آئي. گهر ۾ هڪ عورت جي اچڻ سان هن جا معزز دوست وڌيڪ معزز ٿي ويا. رات تائين هو ڪچهري ڪندو ۽ پوءِ عادت مطابق پڙهڻ ۾ مصروف ٿي ويندو هو. ٽريزي ڪٽيل عضوو ٿي وئي هئي. جلدي ان اڪيلائيءَ کان بيزار ٿي وئي هئي. هوءَ پڙهيل بہ نہ هئي جو روسو کيس محفلن ۾ وٺي وڃي ها. اڪيلائيءَ هن کي چيڙاڪ ڪري وڌو. گهر ۾ جهيڙا ٿيڻ لڳا، جيئن نيوشيٽل ۾ رهڻ مهل ٿيندا هئا. ٽريزيءَ کي ايڏي ڪاوڙ ايندي هئي جو هن جي دوستن جي بہ پرواهہ نہ ڪندي هئي ۽ ٻين آڏو هن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي هئي. جهيڙي جا قصا گهر کان ٻاهر پهچي ويا. انهن حالتن ۾ روسو شديد ذهني دٻاءَ هيٺ اچي ويو. زندگيءَ جا مسئلا سلجهائڻ وارو گهر جي ڏاڳن ۾ الجهي پيو. ٽريزيءَ جو اهو رويو هن لاءِ برداشت کان ٻاهر هو. پر ڇوٽڪاري جو ڪو رستو نہ هو. هو هن کان تنگ هو، پر ڪيس ڇڏي بہ نہ ٿي سگهيو. هوريان هوريان هو نفسياتي توازن کان محروم ٿي ويو. وسوسا ۽ انديشا هن تي حملو ڪري رهيا هئا. هو وهمي بنجي ويو. ڪيس سڄي دنيا ٽريزيءَ جي شڪل ۾ لڳڻ لڳي. ان وهم ۾ وڪوڙجي ويو تہ هر ماڻهو ڪيس تباهہ ڪرڻ پٽيان آهي. ظاهر آهي تہ هر ڪو هن جي انهيءَ مرض جو نشانو بنجڻ لڳو.

☆☆☆

هيوم، جنيوا جي "سرجن ٽرونچن" جي پٽ سان رهندو هو. روسو، هن کي پنهنجو جاني دشمن سمجهندو هو. هن جي دل ۾ اها ڳالهہ گهر ڪري وئي تہ هيوم هن جي دشمنن سان ملي هن کي نقصان پهچائڻ چاهي ٿو. هو اندران اندران دکي رهيو هو. انگستان جي اخبار ۾ هن بابت هڪ طنزيہ خط ڇپيو، جنهن ۾ ڪجهه اهڙيون خبرون هيون، جيڪي بقول روسو جي تہ، اهي ڳالهيون فقط هيوم کي معلوم هيون. هن کي پڪ ٿي وئي تہ هيوم هن جي دشمنن جي ڳالهين ۾ اچي هن جي پٽيان پيو آهي. هڪ ڏينهن هو گهر پهتو تہ هن جا سڀ خط کليا پيا هئا. ٽريزيءَ ٻڌايو تہ هن جي پٽيان هيوم آيو هو. اها حرڪت هن جي هوندي. روسو اهو نہ سوچيو

تہ ممڪن هو تہ ٽريزي يا ڪنهن ٻئي انهن خطن کي کوليو هجي يا وري روسو پاڻ کولي پڙهي ويو هجي. هن جي حالت مان ڪجهہ بہ ٿي سگهيو پئي. هن ڪنهن تحقيق ڪانسواءِ هيوم کي ڏوهاري سمجهيو. هن هيوم سان ملڻ ڇڏي ڏنو. گهر ۾ هوندي بہ هن سان ملڻ کان انڪار ڪندو هو.

جڏهن هيوم اهو ڏٺو تہ هو بہ هن کان پاسيرو ٿي ويو. ڪجهہ دوستن اهو محسوس ڪيو ۽ هيوم کان ان هو سبب پڇيو تہ هن روسو بابت ڪجهہ غيرذميوار ڳالهيون ڪيون. اهي ڳالهيون روسو تائين پهتيون. ڪجهہ ماڻهن ان ڳالهہ کي مرچ مسالا وجهي ٻڌايو. روسو، هيوم کي پنهنجو دشمن سمجهڻ لڳو. جواب ۾ هيوم جي خلاف زهر اوڳاڇڻ لڳو.

اهي ڳالهيون هيوم تائين پهتيون. جوابن جو اهو سلسلو جاري هو تہ روسو ۽ هيوم جون تصويرون گڏ ڇپيون. روسو تعصب جي عينڪ سان اهي تصويرون ڏٺيون ۽ پڙڪي ويو. روسو چيو تہ اهي تصويرون هيوم ڇپرايون آهن. انهن ۾ هيوم فرشتي مانند ۽ روسو ڇڻ رچ لڳي رهيو هو.

هڪ ٻئي پٺيان ٽيندڙ واقعن هن جي ذهني حالت اهڙي ڪئي جو هر ڳالهہ ڪيس دوستن جي سازش جو نتيجو لڳندي هئي. حالت اها وڃي بيٺي تہ روسو اهو سوچڻ لڳو تہ شايد انگلستان جي حڪومت بہ هن جي خلاف سازش ۾ شريڪ آهي. سندس هي وهم ايڏو وڌيو جو هر ماڻهو هن کي پاڻ خلاف سازش ڪندڙ لڳو ۽ انهيءَ سازش جو سڄو الزام هن هيوم مٿان لڳايو. اهو خيال ايڏو تہ پختو ٿي ويو جو هڪ ڏينهن هو هيوم سان وڙهي پيو. هيوم بہ هن کي ڏاڍي ٻڌائي. هيوم کي اهو هٿ هو تہ هن روسو تي احسان ڪيو هو ۽ هاڻ روسو سندس خلاف ڳالهائي نمڪ حرامي ڪري رهيو هو. ٻنهي ڇڻن انهيءَ جهيڙي کي ختم ڪرڻ بدران وڌائي ڇڏيو. هو هيستائين روسو جي جي خلاف هو يا نہ، پر هاڻي هو صفا روسو جي خلاف ٿي ويو. هن روسو جي خلاف مهم هلائي. سڀني دوستن کي خط لکيائين، جن ۾ روسو خلاف ڪريل ڳالهيون هيون. انهن خطن ۾ هن سان همدرديءَ بدران چڙ ۽ ٺوڪ ڪئي ويندي هئي. روسو جي ڪاوڙ ۾ اها حالت ٿي جو هو پنهنجا وار پٽيندو هو.

ٽريزي هن جي اها حالت ڏسي اندر ۾ سڙندي هئي، پر وڏن جي ويڙهہ ۾ هن کي ڳالهائڻ جو حق نہ هو. روسو بہ هن کي ان لائق نہ سمجهندو هو جو هن کان ڪا صلاح وٺي ها. هو پنهنجي باهہ ۾ پاڻ سڙندو رهيو. انهن حالتن کان پريشان ٿي هو پنهنجي آتم

ڪهاڻي "اعتراف" لکڻ ويهي رهيو. هو بيدرديءَ سان پاڻ بابت سچ اڳاڻي رهيو هو. ٻين بابت بہ اهڙا سچ لکي رهيو هو، جو ڇپجڻ بعد طوفان اچڻ لازمي هو. روسو ۽ هيوم جو جهيڙو عروج تي هو. ڪهاڻيون اخبارن ۾ ڇپجي رهيون هيون. پوسٽر ۽ پمفليٽ ڇپجي رهيا هئا. ماڻهو ان تماشي مان مزو ماڻي رهيا هئا. هن جي وهمي طبيعت سبب سيني کيس ڇڏي ڏنو هو. هيوم سان گڏ دوستن جو هجوم هو. روسو کي هر محاذ تي شڪست ملي. فرانس ۾ تہ هن سان اهڙو ڪجهہ بہ نہ ٿيو هو، جيڪو ساڻس لنڊن ۾ ٿي رهيو هو.

برفباريءَ جا ڏينهن شروع ٿيڻ تي هن کي مجبورن گهر ۾ بند ٿي ويهڻو پيو. ذهني پيڙا وڌي وئي. هاڻ هن کي اهو وهم کائي رهيو هو تہ هو تہ گهر ۾ بند آهي، ٻاهر هن خلاف سازشون ٿي رهيون هونديون. دوستن کي بہ وارو ملي ويو هوندو. هڪ ڏينهن گهر ۾ ڪم ڪندڙ نوڪرياڻيءَ سان ٽريزي وڙهي پئي. پوءِ ڇا هو، بس هن کي پڪ ٿي وئي تہ سڄي انگريز قوم هن جي خلاف آهي. هن سوچيو تہ هو ڪنهن ڪنهن سان وڙهندو! ان کان سنو آهي تہ هو دشمنن آڏو نہ اچي. جڏهن ڊپ ۽ انديشا هن جي سهپ کان ٻاهر ٿي ويا تہ هو سڀ ڪجهہ ڇڏي گهر مان ڀڄي ويو.

ڏهہ پنڌرنهن ڏينهن هن جي ڪابہ خبر نہ ملي. همدرد پريشان هئا تہ ڪٿي هن آپگهات تہ نہ ڪري ڇڏي آهي. ڊيون پورٽ، جنهن جي گهر ۾ روسو کي رهايو ويو هو، ڏاڍو پريشان هو تہ ڪٿي هن تي الزام نہ اچي. هو ڪيس هيڏانهن هوڏانهن ڳولينڊو رهيو، ڪٿان هن جي ڪا خبر ملي. هڪ ڏينهن ڪيس روسو جو خط مليو. ڊيوڊ پنهنجي نوڪر کي سڏ ڪري چيو، مسٽر روسو، لنڪن شائر ۾ آهي. اسانجو مهمان اهي، ڪاوڙجي هليو ويو آهي. هو ناراض آهي، ۽ بيمار پڻ آهي. اسان هن جي بيماريءَ جو بہ خيال نہ ٿا ڪيون. تون هاڻي ئي لنڪن شائر وڃ ۽ جيئن بہ ٿي سگهي، جهڙيءَ طرح بہ ٿي سگهي، هن کي پرچائي هتي وٺي اچ. نوڪر خط کڻي انهيءَ ايڊريس تي پهتو. هن کي اهو ٻڌي مايوسي ٿي تہ روسو اتان بہ هليو ويو هو. ڪنهن کي خبر نہ هئي تہ هو ڪٿي هو. روسو کي شايد وڃڻو هو. هن ڄاڻي واڻي اهو خط لکيو هو، ڇو تہ ڪيس پڪ هئي تہ ضرور ڪيس ڪونہ ڪو ڳولينڊو اتي ايندو. هن جو وهمي مزاج انهيءَ رونشي مان مزو ماڻڻ لڳو. ڊيون پورٽ جو نوڪر مايوس ٿي هليو ويو.

هيءَ اها بندرگاهہ هئي، جتي

هڪ ڏينهن هيوم سان گڏ فرانس کان لنڊن اچڻ لاءِ هن جهاز تان لٿو هو. هاڻي فرانس وڃڻ لاءِ هن اڏامڻ چاهيو پئي. ڪو دشمن هن پٺيان نه هو پوءِ به ڪيس لڳي رهيو هو ته ڪي دشمن هن جي پٺيان آهن، جيڪي ڪيس مارڻ گهرن ٿا. هو سڄو ڏينهن لڪل رهيو ۽ رات جو اوندهه ۾ ملاح بنجي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪنهن نه ڪنهن طرح فرانس پهچي ويو.

هو ايڏي جلديءَ ۾ نڪتو جو ڪيس اهو به ياد نه رهيو ته فرانس جي پارليامينٽ هن کي گرفتار ڪرڻ جو جيڪو فيصلو ڪيو هو، اهو اجا تائين قائم هو. هن کي فرانس اچڻ جي رسمي موڪل ملي هئي، پر اجا فيصلو نه ٿيو هو، جو هو، هيوم سان گڏ لنڊن هليو ويو هو. ڪيس ڪنهن به مهل گرفتار ڪيو ويندو. اها خبر ڪيس پيرس پهچڻ کانپوءِ پئي. هاڻي هو روپوش ٿيڻ لاءِ جاءِ ڳولڻ لڳو. انهن حالتن ۾ هن جو پراڻو دوست "پرنس آف ڪونٽي" ڪم آيو. ڳوٺ ۾ هن جي حويلي هئي. هن پنهنجي حويليءَ جا در روسو لاءِ کولي ڇڏيا. هن کي هڪ دفعو ٻيهر قدرتي نظارن سان اکيون ڪيڻ جو وارو مليو.

هتي ڪيس پنهنجي سوانح حيات "اعتراف" لکڻ جو خيال آيو. اهو ڪم هو لنڊن ۾ شروع ڪري چڪو هو. هتي ڪيس ڪير به تنگ ڪرڻ وارو نه هو. هو لکندو رهيو. پڪين ۽ جهرڪين جون مٽر ٻوليون ٻڌندو رهيو. واندڪائيءَ وقت هو ٻوٽن سان سرپاڻ ڪندو هو. حويليءَ جا نوڪر هن کي ائين ڪندو ڏسي چريو سمجهندا هئا ۽ دل ئي دل ۾ هن تي کلندا هئا. هاڻ هن جي سمجهه ۽ عقل جاءِ تي هئا، پر سندس دل اجا به وهمن کان خالي نه هئي. هتي ڪيس ڪوبه خطرو نه هو. ذهني حالت خراب ٿي ته ڪيس حويليءَ جي نوڪرن تي شڪ پيو. ڪيس اهو وهم ٿيو ته اهي هيوم سان مليل آهن. هن جي جاسوسي ڪن ٿا. ڏينهن رات هن پٺيان آهن. هو جڏهن ٻوٽن سان ڳالهائيندو هو، نوڪرن کي لڪي لڪي ڏسي هو اهو سمجهندو هو ته هن جي جاسوسي ڪن ٿا ۽ مٿانهس ڪنهن به وقت حملو ڪري سگهن ٿا.

هو پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندو هو. ان مهل هن جي حالت ڏسڻ جهڙي هوندي هئي. هو ڏڪڻ لڳندو هو. ان مهل ٽريزيءَ لاءِ به وڏو مسئلو ٿي پوندو هو." تون به ڏسي وائسي ٻاهر نڪرجانءِ. انهن مان ڪير به توتي حملو ڪري سگهي ٿو." هو سرپاڻ ڪندو هو.

"هي نوڪر آهن. انهن جي توسان ڪهڙي دشمني!"

"مونکي لڳي ٿو تہ تون بہ هيومر سان مليل آهين، ان لاءِ هن جو پاسو ڪٽين ٿي."

"مان تہ تو سان آهيان روسو."

"ان لاءِ تہ چوان ٿو تہ احتياط ڪر. سڀ مون کان سڙن ٿا. توکان بہ سڙن ٿا."

هو پهرين جيان هتان بہ پيڃڻ لاءِ سوچڻ لڳو. ويچاري ٽريزي هن پنڌيان هلي هلي ٽڪجي پئي هئي، پر روسو جي پير ۾ پيل چڪر پورو ٿيڻ وارو نہ هو.

هو هتان بہ پيڃي ويو. هڪ ڏينهن هو "چميري" ڏانهن هليو، جتي هن جون پراڻيون يادون هيون. هو گري نوبل وٽ پهتو تہ هڪ مصيبت ۾ ڦاسي پيو. هڪ ماڻهو ڪيس رستي تي پڪڙي چيو تہ هن ڪانئس اڌارا پئسا ورتا هئا، جيڪي ناهن موٽايا. هاڻي اهي پئسا ڪيس ڏيارڻا وڃن. روسو ڪجهہ بہ ڪري سگهيو پئي، پر ڪنهن جا پئسا ڦهائي نہ ٿي سگهيو. اهو ماڻهو ڪوڙو هو. ڳالهہ عدالت تائين وئي. ان ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪوڙ ڳالهائڻ جو اعتراف ڪرڻو پيو. ڳالهہ ختم ٿي وئي. روسو ان ڳالهہ کي بہ هيومر ۽ ٻين مخالفن جي ڪاتي ۾ وڌو.

هو گري نوبل مان نڪري اڏامندڙ واريءَ جيان هلندو رهيو. هن سمجهيو تہ ماڻهو هن پنڌيان آهن. هو ائين ڪري ڪين ڊوڙائي رهيو آهي. هڪ شهر پهچي رات گهاري وري ٻئي شهر هليو ويندو هو. هو ڪنهن پٽڪندڙ روح جيان پٽڪي رهيو هو. هن جي حالت رحم جوڳي هئي. دشمن اوندهہ ۾ هجي تہ ان تي حملو ڪري نہ ٿو سگهجي. بس ماڻهو مشڪل ۾ پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي ٿو. هو بہ پنهنجوبچاءُ ڪري رهيو هو. اهو بچاءُ مقابلي لاءِ نہ پر پيڃڻ ۾ هو. هن کي سڪون جي ڳولها هئي. پر هن جي خيال موجب هر طرف سازشن جا ڄار وڇايل هئا. هن جا جذبا رتورت هئا. پٽين سان مٿو ٽڪرائي هن جو مٿو زخمي ٿي ويو هو. هو ٽڪجي پيو هو. هر رستو هن لاءِ بند هو. ڪنهن کي خبر نہ هئي تہ هو ڪٿي هو. ڪنهن ڪيس پيرس ۾ گهمندي ڏٺو. ڪيس اهو احساس هو تہ هن جا قدردان ان شهر ۾ آهن. هو پيرس اچي ويو. پراڻن دوستن ڪيس هٿن تي کنيو. هن جي طبيعت سڌري وئي. هاڻ هو پهرين جيان بيمار نہ هو. ڪافي هائوس هن جي ڪري آباد ٿيندا رهيا. هن جون من موهيندڙ ڳالهيون پيرس جي ادبي محفلن ۾ گونجڻ لڳيون. هن دفعي هو پاڻ هوش ۾ اچي ٻين جا هوش اڏائڻ آيو هو. اها خبر تڏهن پئي، جڏهن هن سوانح عمريءَ جا ڪجهہ ٽڪرا پڙهي ٻڌايا.

ماٿهو وائڙا تي ويا. هن ايڏي ڪنورتا سان پڙهيو ۽ ايڏي ڪنورائپ مان ماٿهن جا راز کوليا هئا جو ماٿهو ڊڄي ويا. جن ماٿهن خوش تي ڪيس پليڪار چيو هو، اهي پنتي تي ويا. جتي به ماٿهو گڏ ٿيندا هئا، هن بابت ڳالهائيندا هئا. هڪ دفعو ٻيهر هو اڪيلو تي ويو. هو اڪيلو هو، پر هن جي مشهوريءَ هن سان گڏ هئي. سمونڊ پار آمريڪا ۾ هن جا ڪتاب پڙهيا پئي ويا. آمريڪي نوجوان ۽ ايڊيٽر هن جي خيالن مان فائدو وٺي رهيا هئا. هن کي هر جاءِ تي اعليٰ درجي جو فلسفي مڃيو پئي ويو.

هو پيرس ۾ اڪيلائيءَ جا ڏينهن گهاري رهيو هو. موسيقيءَ جو مواد تيار ڪري روزي حاصل ڪري رهيو هو. ٻوٽن سان ڳالهائيندو هو يا ڪنهن سستي ڪيفي ۾ ويهي ڪافي پيئندو هو. رات جو دير تائين پڙهندو هو.

هن جي ماڻار واري زندگيءَ ۾ ان وقت پٽر ڪريو، جڏهن پولينڊ جي حڪمرانن هن سان رابطو ڪري ڪيس چيو ته سندن ملڪ ۾ ٿيندڙ گهرو ويڙهه کي روڪڻ بابت هن کان صلاح ڏئي. هن جي جيون ۾ ٻيهر مصروفيت ڪر ڪنيو. "پولينڊ جي حڪومت تي غور ۽ فڪر" نالي هن هڪ مضمون لکيو. ان مضمون ۾ هن پولينڊ جي حڪمرانن کي اشارو ڏنو ته پاڙيسري ملڪ جون هنن جي ڪجهه علائقن تي نظرون ڪتل آهن ۽ قبضي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح هن پولينڊ ۾ فيڊريشن ناهڻ بابت صلاح ڏني. ان مضمون تي ڄمي ڪري ڪم ڪرڻ سان هن جي جيون ۾ خوشگواري آئي. هن کي ڊگهي سستيءَ کان ڇوٽڪارو مليو.

هن هڪ مقالو لکيو، جيڪو هن جي سوانح عمريءَ بابت هو. هن جي جهيڙيڪار طبيعت سبب هن جي پراڻن دوستن هن سان ملڻ ڇڏي ڏنو هو. نون ماٿهن کي هن ويجهو اچڻ نه تي ڏنو. اڪيلائي هئي، خيالن جا هجوم هن تي حملو ڪري رهيا هئا. غربت جو واسو هو. هاڻي هو ان منزل تي هو، جتي جيون عياشيءَ ۾ گهاري، پر هو غربت جو مزو ماڻي رهيو هو. شايد اها ڳالهه به هن جي نفسياتي حالتن جو اثر هجي.

انگلستان جي بادشاهه هن جو جيڪو وظيفو مقرر ڪيو هو، ان جا پئسا گڏ ٿيندي ڇهه هزار فرانڪ تي ويا. هن جي حالتن کان متاثر تي هن جي دوست پئسن لاءِ درخواست موڪلي ڏني. ان تي انگلستان جي حڪومت روسو جي نالي پئسن جو ڊرافٽ موڪلي ڏنو. روسو کي ان وقت اها خبر پئي، جڏهن ڪيس اهو ڊرافٽ پهتو. هو انهن پئسن مان گهڻا ڪم

ڪري سگهيو پئي. پر اهو سوچڻ لڳو ته اهي پئسا هن تائين ڪيئن پهتا. هن ڪا درخواست ناهي ڏني، پوءِ ڇو اهو لکيو ويو آهي ته هي پئسا توهانجي درخواست موڪلڻ جي جواب ۾ موڪليا ويا آهن. هن جو خيال دوستن ڏانهن ويو. آخر ڪيس خبر پئجي وئي ته ڪهڙي دوست پاران درخواست موڪلي وئي هئي. هن ٽورو مڃڻ بدران ان دوست سان جهيڙو ڪيو ۽ ڊرافٽ ڦاڙي ڦٽي ڪيو. اهڙي مٽي ڦريل ماڻهوءَ جو ساٿ ڪير ڏي ها.

اڃا هو غربت سان وڙهي رهيو هو. جو هن پنهنجي خلاف ٻيو محاذ کوليو. اهو محاذ اهڙو هو، جيڪو ٻه هن جو نالو ٻڌندو هو، وائڙو ٿي ويندو هو. هو ٽريزيءَ سان اڃا تائين شادي ڪرڻ کانسواءِ رهي رهيو هو. سڄي جواني ائين گهاري هيائين. هن هر طعنو ۽ ٽوڪ سٺي هئي. ائين لڳندو هو ته ڪيس ڪنهن جي پرواهه ناهي. هاڻي هو ڪراڙو هو. غربت جي باهه وڌيڪ ڪيس پوڙهو ڪري ڇڏيو هو. جسماني حالت ۽ ڪرندڙ صحت ڪيس پنهنجي عمر کان وڌيڪ پوڙهو ڪري ڇڏيو هو. ان حوالي سان ان مهل ٽريزيءَ سان باقاعده شادي ڪرڻ واري اعلان سيني کي حيران ڪري ڇڏيو. ٽريزي ٻه هاڻي ڪراڙي ٿي وئي هئي. انهيءَ عمر ۾ هوءَ ڪنوار وارن ڪپڙن ۾ روسو سان گڏ گرجا گهر وئي ته روڊ ماڻهن سان ڀرجي ويا. پادري خوش هئا ته آخر ڪار هڪ آزاد خيال فلسفيءَ کي انهيءَ مذهبي ڪم ڪرڻ جو خيال اچي ويو هو. دوست ٻه خوش هئا ته روسو زندگيءَ ڏانهن موٽي رهيو آهي.

روسو جي خوشي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مري وئي، جڏهن ٽريزي ساڻس ڏاڍو وڏو جهيڙو ڪيو. اها ويڙهه هن لاءِ ڪا اهميت نه رکندي هئي. ٽريزي ۽ هو اڪثر وڙهندا هئا. پر هن دفعي ٽريزيءَ جو خيال نه پر پڪ هئي ته هاڻي هوءَ هن جي قانوني زال هئي. ان کان اڳ ڪيس اهو احساس جرم مجبور ڪندو هو ته هوءَ روسو کان ڊڄي. هاڻي اهو ڪندو نڪري ويو هو. روسو کي ٻه هاڻي اهو احساس ٿيو هو ته هن شادي ناهي ڪئي، پر هڪ محاذ کوليو آهي. ٽريزيءَ جي جسماني حالت اهڙي نه هئي جو هوءَ روسو جي خدمت ڪري سگهي. هن جي ماءُ گذاري وئي هئي، جيڪا گهر جي سنڀال ڪندي هئي. غربت اهڙي هئي جو ٻه ويلا ماني ٻه هنن جي پاڳ ۾ نه هئا.

لاڳاپا اهڙي حد تائين پهتا هئا جو هڪ گهر ۾ رهندي مهينن جا مهينا هڪ ٻئي جو منهن نه ڏسندا هئا، نه ڳالهائيندا هئا. اهڙا دوست ٻه گهٽا

هئا، جيڪي مدد ڪري سگهيا پئي. پر روسو جي اجائي انا ڪنهن جي بہ مدد وٺڻ کان انڪاري هئي. حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون ويون. هاڻي ڪيس اهو احساس ٿي رهيو هو تہ هو مري بہ ويو تہ ڪيس دفنائڻ وارو ڪو بہ نہ هوندو. هن جي بيچين طبيعت عجيب رنگ ڏيکاري رهي هئي. حالت اها هئي جو هن ڪنهن جو احسان کڻڻ نہ ٿي چاهيو. ٻئي طرف دنيا ڏنو تہ ڪيترن ماڻهن کي روسو خط لکيا. هو ۽ هن جي زال غربت واري زندگي گهاري رهيا هئا. ٻنهي کي ڪنهن محتاج خاني ۾ پناهہ وٺڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هو." مان، توهانکي عرض ٿو ڪيان. مونکي ۽ ٽريزيءَ کي ڪنهن محتاج خاني ۾ جاءِ ڏياريو، جتي اسان حياتيءَ جا باقي ڏينهن آرام سان گهاري سگهون."

جنهن بہ اهو خط پڙهيو، اهو وائڙو ٿي ويو. ايڏو عظيم فلسفي اهڙي پيڙا وارو جيون گهاري رهيو هو، جو پاڻ محتاج خاني ۾ پناهہ لاءِ درخواست ڏني اٿس. ڇا فرانس ۾ اهڙو ڪو ناهي، جيڪو ڪيس زندگيءَ جون سهولتون ڏيئي سگهي. ڪجهہ دوست اڳتي آيا، پر هو ڪنهن بہ دوست جي مدد قبولڻ لاءِ تيار نہ هو. حقيقت ۾ هن جي وهمي طبيعت دوستن تان هن جو اعتبار کڻائي ڇڏيو هو. هنن جي مدد کان انڪار ڪري روسوءَ محتاج خاني ۾ رهڻ کي ترجيح ڏئي رهيو هو. اهو فعل هن لاءِ روحاني خوشيءَ جو سبب هو.

دوستن ڪوششون جاري رکيون. آخر هڪ دوست ڪيس راضي ڪيو. هو پيرس کان ويهہ ميل پري "ارمنو ويل" جي علائقي ۾ رهڻ لڳو. 20 مئي 1778ع تي روسو اتي رهڻ لاءِ پهتو.

ڳوٺاڻو ماحول ۽ قدرتي نظارا هن کي وڻڻ لڳا. هن جي دل لڳي وئي. هن جي طبيعت سڌري وئي. گهمڻ لاءِ ڪوڙ جايون هيون، پر هاڻي هو ٽريزيءَ جي صحبت کان محروم هو. ٻنهي جا لاڳاپا جٽائدار نہ رهيا هئا جو ٻئي گڏجي سير ڪرڻ لاءِ وڃن ها. هو سير لاءِ اڪيلو ويندو هو. هن جي اها خوشفهمي ڪجهہ ڏينهن رهي. هتي اچڻ جي ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ وري ڪيس وهم ورائي ويو تہ هن کي سازش ڪري قيد ڪيو ويو آهي ۽ هن جي دوستن دوستيءَ جي پردي ۾ ساڻس دشمني ڪئي آهي. ان کان تہ سٺو هو تہ ڪنهن محتاج خاني ۾ هليو وڃي ها. اهو وهم ايترو تہ وڌي ويو جو هن صبح جو سير ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنو. هن کي اهو وهم هو تہ ڪير سندس پيچو ڪري رهيو هو ۽ ڪٿي اڪيلو ڏسي حملو نہ ڪري ڇڏيس. هن کي تہ شايد ٽريزيءَ تي بہ ڀروسو نہ

رهيو هو. هن کي بہ ساڻ ڪري نڪرڻ کان پاسو ڪندو هو. هڪ ڏينهن سندس من ايڏو گهبرايو جو صبح جو سير ڪرڻ لاءِ نڪتو. سير ڪانپوءِ مٿي ۾ سور جو چئي هنڌ تي ڪري پيو. ٽريزي اها حالت ڏسي نوڪرن کي ڊوڙايو. جيترو دير ۾ ڊاڪٽر پهتو، ايتري دير ۾ عظيم فلسفي موت جي هنج ۾ هليو ويو.

2 جولاءِ 1778ع تي هن جي پير جو چڪر هميشہ لاءِ پورو ٿي ويو. هو سڄي زندگي پنهنجي خيالي دشمنن کان ڊوڙندو رهيو. هاڻي هو ڪيڏانهن بہ پڄي نہ ٿي سگهيو. مشهوريءَ جي آخري حدن کي ڇهندڙ روسو پنهنجن مداحن جي غيرحاضريءَ ۾ ڏورانهين علائقي ۾ نهايت خاموشيءَ سان مري ويو. هن جي مرڻ تي ڪير بہ روئڻ وارو نہ هو. هن جي خواهش مطابق ڪيس انهيءَ ڳوٺ ۾ ڍنڍ جي ڪناري تي دفنايو ويو. گرميءَ جي چاندوڪي رات هئي. ڍنڍ جي بيٺل پاڻيءَ تي وڻن جا پاڇا وڪڙ ڪائي رهيا هئا. ڳوٺ جا ماڻهو ڪيس دفن ڪري موٽي رهيا هئا. ٽريزي گهر ۾ اڪيلي هئي. هن جي اوچتي موت افواهن جا در کولي ڇڏيا. ڪيترا سوال سامهون آيا. هن جو موت طبعي هو؟ يا هن آپگهات ڪيو هو؟ يا تريزي پاڻ ڪيس زهر ڏيئي ڏکن کان ڇوٽڪارو ڏياريو هو. مادام دي اسٽيل هن تي مضمون لکيو.

مادام چواڻي تہ هن جون حالتون ۽ جسماني حالت اهڙي هئي جو خودڪشي ڪرڻ کي اهميت ڏنائين. زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ هو پاڻ چوندو هو تہ جڏهن جسماني يا ذهني عضوا سهپ کان ٻاهر ٿي وڃن ۽ انهن جو علاج ممڪن نہ هجي، پوءِ ماڻهو انهن کان جان ڇڏائڻ لاءِ پنهنجي جان وٺي بہ سگهي ٿو. اهڙو خيال هن جي موت کي آپگهات سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هر طرف اهي ڳالهيون ٿي رهيون هيون. ٽريزيءَ ڏانهن بہ آڱريون کڻي رهيون هيون. خاص ڪري انهن حالتن ۾، جڏهن اهي افسانا لاڳيتو ڦرندا رهيا. ڊاڪٽرن سان بہ ڳالهايو ويو. ڊاڪٽرن سرٽيفڪيٽ ۾ لکيو تہ روسو جو موت سندس دماغ جي رڳ ڦاٽڻ سبب ٿيو آهي. ان ماڻهوءَ بہ بيان ڏنو، جنهن جي گهر ۾ روسو جو موت ٿيو هو. روسو جي بدن تي گولي لڳڻ يا زهر پيڻ جو ڪوبہ نشان نہ هو. انهيءَ بيان ۽ ڊاڪٽر جي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ کانپوءِ بہ ڪيترا ڏينهن هن جي آپگهات جو قصو هلندو رهيو.

فرانس ظاهري طرح مانو هو، پر اندر ئي اندر چٽنگون ڏکي رهيون هيون. جاگيرداريءَ خلاف نفرت وڌڻ

شروع ٿي. روشن خياليءَ جي امڪانن جو جائزو ورتو پئي ويو. انقلاب جون تياريون ٿي رهيون هيون. لڳو ٿي ته هڪ ڊگهي ڇڪتاڻ جو انت اچڻ وارو هو. والٽيئر ۽ روسو، ٻئي گذاري ويا هئا. هنن جو پيدا ڪيل ذهني انقلاب عملي صورت اختيار ڪرڻ وارو هو.

هن جي گذارڻ جي ڏهه سالن کانپوءِ 1789ع ۾ انقلابين، فرانس تي قبضو ڪيو. اهو هڪ تاريخي انقلاب هو، جنهن اميرن کان اقتدار ڦري بورزوا طبقي جي حوالي ڪيو هو. ان انقلاب لاءِ زمين هموار ڪرڻ وارا گهڻائي هئا، پر عوام جي ذهنن ۾ فقط ٻه نالا هئا، روسو ۽ والٽيئر.

انقلاب کانپوءِ دربدر گهمندڙ انهيءَ فلسفيءَ کي ديوتائن جهڙو درجو ڏنو ويو. انقلابي ڪائونسل عقيدت جي اظهار طور هن جي جسد خاڪيءَ کي قومي قبرستان ۾ دفنائڻ جو اعلان ڪيو. هڪ شاندار محفل کانپوءِ توبن جي سلامي ۽ دهلن جي گوڙ ۾ هن جي خاڪ کڻي "عظيم انسانن جي قومي قبرستان" ۾ پهچايو ويو.

هن جو اهڙو شاندار آڏرياءُ ٿئي ۽ ڪنهن کي ٽريزيءَ جو خيال نه اچي، اهو ڪيئن ممڪن هو. ٽريزيءَ لاءِ ٻارنهن سؤ فرانڪ جو ساليانو وظيفو جاري ڪيو ويو. وڪريل روسو کي ٽريزي نه سنڀاري ها ته هو وقت کان اڳ مري وڃي ها. اهو وظيفو ٽريزيءَ کي هن جي خدمت جي اعتراف ۾ جاري ڪيو ويو هو. فرانس جي ڪيترن شهرن ۾ روسو جا مجسما لڳايا ويا. هي اهي جايون هيون، جتي ڪڏهن روسو رهيو هو. ٽريزي اڃا تائين ارمنوويل جي ڳوٺ ۾ هئي. جتي روسو دم ڏنو هو. غربت جا ڊگها ڏينهن گهارڻ کانپوءِ جڏهن ڪيس وظيفو ملڻ لڳو ته هوءَ اوچتو امير بنجي وئي. پر هن ۾ اهو گڻ نه هو جو اهي پئسا سنڀالي سگهي ها. اهي پئسا روسو جي ڪتابن جي رائلٽيءَ مان هئا. وقت گذرندو رهيو. هوءَ حويليءَ جي خسيس نوڪرن تي گهڻو خرچ ڪندي هئي. زماني جي حادثن وظيفي جا پئسا بند ڪرائي ڇڏيا. جن تي خرچ ڪري رهي هي، انهن اکيون ڦيري ڇڏيون. پوءِ دنيا ڏٺو ته هڪ پورهي عورت ٿيٽر جي در تي تماشائين کان خيرات گهري رهي هئي. گهٽ ماڻهن کي خبر هئي ته اها روسو جي بيوه "ٽريزي" هئي.

☆☆☆